وَمَا لِيَ لَآ اَعْبُدُ الَّذِيْ فَطَرَنِيْ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۲۲﴾

(٢٢) ۽ مون کي ڪهڙو سبب آهي جو مان انهيءَ (الله) جي ٻانهپ نہ ڪيان، جنهن مون کي پيدا ڪيو ۽ جنهن ڏانهن توهان (۽ اسان) سڀ (آخر) موٽايا ويندا سين.

ءَاَتَّخِذُ مِنْ دُوْنِهٖۤ اٰلِهَةً اِنْ يُّرِدْنِ الرَّحْمٰنُ بِضُرٍّ لَّا تُغْنِ عَنِّيْ شَفَاعَتُهُمْ شَيْـًٔا وَّلَا يُنْقِذُوْنِ ﴿۲۳﴾

(٢٣) ڇا مان خدا کي ڇڏي اهڙن معبودن کي وٺان جو جيڪڏهن رحمان خدا مون کي نقصان يا ايذاءُ پهچائڻ جو ارادو ڪري تہ انهن جي سفارش مون کي ذرو بہ ڪم نہ اچي، نڪي اهي مون کي (ان عذاب مان) ڇڏائي سگهن.

اِنِّيْۤ اِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۲۴﴾

(٢٤) جيڪڏهن مان ائين ڪيان (يعني ٻين معبودن جي سهارو وٺان) تہ پوءِ يقيناً مان ظاهر ظهور گمراهہ ٿي ويندس.

اِنِّيْۤ اٰمَنْتُ بِرَبِّكُمْ فَاسْمَعُوْنِ ﴿۲۵﴾

(٢٥) مون کي تہ توهان جي (۽ اسان جي) پروردگار ۾ پڪو ايمان آهي، سو منهنجي ڳالهہ تي ڌيان ڏيو.

قِيْلَ ادْخُلِ الْجَنَّةَ ؕ قَالَ يٰلَيْتَ قَوْمِيْ يَعْلَمُوْنَ ﴿۲۶﴾

(٢٦) هن (جوشيلي جوان) کي بشارت ڏني ويئي تہ جنت ۾ داخل ٿي. (تنهن تي) هن چيو تہ هاءِ هاءِ! جيڪر منهنجي قوم جا ماڻهو بہ ڄاڻن (سمجهن ۽ ايمان آڻين تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي).

بِمَا غَفَرَ لِيْ رَبِّيْ وَجَعَلَنِيْ مِنَ الْمُكْرَمِيْنَ ﴿۲۷﴾

(٢٧) (منهنجي قوم جا ماڻهو جيڪر هي ڳالهہ بہ ڄاڻن تہ) منهنجي پروردگار مون کي (منهنجون اڳوڻيون غلطيون) معاف ڪيون آهن ۽ مون کي انهن مان ڪيو اٿس جيڪي (الله وٽ) وڏي عزت وارا آهن.

وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلٰى قَوْمِهٖ مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ جُنْدٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَمَا كُنَّا مُنْزِلِيْنَ ﴿۲۸﴾

(٢٨) ۽ (ياد رکو تہ) اسان هن کان پوءِ سندس قوم تي آسمان مان لشڪر ڪونہ لاهي موڪليا، نڪي اسان کي (اهڙن لشڪرن) لاهي موڪلڻ جي ڪا ضرورت ئي هئي.

اِنْ كَانَتْ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمْ خٰمِدُوْنَ ﴿۲۹﴾

(٢٩) (هنن کي هيئن سزا ڏني ويئي جو) رڳو هڪڙو ڌڌڪو ٿيو، پوءِ ڏسو تہ هو سڀ (رک وانگر) وسامي چپ ٿي ويا.

يٰحَسْرَةً عَلَى الْعِبَادِ ۚ مَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۳۰﴾

(٣٠) اهڙن ٻندن جي حال تي افسوس آهي، هنن ڏي اهڙو ڪو رسول ڪونہ آيو جنهن تي هنن ٺٺوليون ۽ مسخريون نہ ڪيون.

اَلَمْ يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ اَنَّهُمْ اِلَيْهِمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿۳۱﴾

(٣١) هو نٽا ڏسن ڇا تہ ڪائنن اڳي اسان ڪيتريون ئي پيڙهيون (سندن بدعملن سبب) برباد ڪري ڇڏيون؟ يقيناً اهي (برباد ٿيل قومون) وري هنن ڏي ڪونہ موٽي ايندين.

وَاِنْ كُلٌّ لَّمَّا جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ ﴿۳۲﴾

(٣٢) ۽ انهن مان هرهڪ قوم يعني سڀ قومون اسان جي روبرو حاضر ڪيون وينديون.

## رکوع 3

### الله تعاليٰ جون قدرتون ۽ نعمتون، منڪرن جي روش

وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الْاَرْضُ الْمَيْتَةُ ۚ اَحْيَيْنٰهَا وَاَخْرَجْنَا مِنْهَا حَبًّا فَمِنْهُ يَاْكُلُوْنَ ﴿٣٣﴾

(٣٣) ۽ هنن جي لاءِ مئل زمين ۾ (الله جي) وڏي نشاني آهي. (ڏسو) اسان ان کي (پاڻيءَ جي ريج سان) جيئرو ڪيون ٿا. ۽ ان مان اناج پيدا ڪيون ٿا، جو پوءِ ماڻهو ان تي پنهنجو گذران ٿا ڪن.

وَجَعَلْنَا فِيْهَا جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّاَعْنَابٍ وَّفَجَّرْنَا فِيْهَا مِنَ الْعُيُوْنِ ﴿٣٤﴾

(٣٤) ۽ اسان ان (زمين) ۾ کجور ۽ انگورن جا باغ لڳايون ٿا ۽ ان ۾ چشما جاري ڪيون ٿا.

لِيَاْكُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖ ۙ وَمَا عَمِلَتْهُ اَيْدِيْهِمْ ۭ اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) انهيءَ لاءِ ته ماڻهو (الله تعاليٰ جي) انهيءَ (قدرت) جا ڦل ۽ فائدا ماڻين. (ڏسو) اها (قدرت) سندن هٿن ڪانه بنائي آهي. پوءِ ڇا هو شڪر ٿي نٿا ڪن؟ (ڇو نٿا خدا جو احسان مڃي خدا جي حڪمن جي تعميل ڪن؟)

سُبْحٰنَ الَّذِيْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا مِمَّا تُنْۢبِتُ الْاَرْضُ وَمِنْ اَنْفُسِهِمْ وَمِمَّا لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٦﴾

(٣٦) وڏو شان آهي انهيءَ (الله) جو جنهن انهن سڀني شين جا جوڙا (نر ۽ مادي) بنايا آهن، جي شيون زمين اپائي ٿي ۽ خود ماڻهن جا به جوڙا ٺاهيا اٿس ۽ انهن شين جا به جن جي ماڻهن کا اڃا خبر به ڪانهي.

وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الَّيْلُ ۚ نَسْلَخُ مِنْهُ النَّهَارَ فَاِذَا هُمْ مُّظْلِمُوْنَ ﴿٣٧﴾

(٣٧) ۽ انهن ماڻهن لاءِ رات به هڪڙي وڏي (خدا جي) نشاني آهي. اسان ان مان ڏينهن جدا ٿا ڪريون ته پوءِ ڏسو ته اهي ماڻهو اونده ۾ رهجي وڃن ٿا.

وَالشَّمْسُ تَجْرِيْ لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا ۭ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ﴿٣٨﴾

(٣٨) ۽ سج پنهنجي مقرر هنڌ تي هلي رهيو آهي، اهو انهيءَ الله جو حڪم آهي جو وڏي قدرت وارو ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي.

وَالْقَمَرَ قَدَّرْنٰهُ مَنَازِلَ حَتّٰى عَادَ كَالْعُرْجُوْنِ الْقَدِيْمِ ﴿٣٩﴾

(٣٩) ۽ چنڊ جي لاءِ اسان منزلون مقرر ڪري ڇڏيون آهن (جن تان هلندو رهي ٿو) تان جو موٽي کجيءَ جي پراڻي سڪل ڏنگي ٽيل چڙهيءَ وانگر ٿي ٿو پوي.

لَا الشَّمْسُ يَنْۢبَغِيْ لَهَآ اَنْ تُدْرِكَ الْقَمَرَ وَلَا الَّيْلُ سَابِقُ النَّهَارِ ۭ وَكُلٌّ فِيْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ ﴿٤٠﴾

(٤٠) سج کي اجازت ناهي جو چنڊ کي وڃي پڄي، (۽ ان سان ٽڪرجي) نڪي رات کي اجازت آهي ته ڏينهن (پوري ٿيڻ) کان اڳ ۾ ئي اچي وڃي (يا ڏينهن اچڻ کان پوءِ به قائم رهي) ۽ سڀ آسماني جسم (يعني سيارا وغيره پنهنجي پنهنجي مقرر) مدار يا گهري ۾ هلندا رهن ٿا.

وَاٰيَةٌ لَّهُمْ اَنَّا حَمَلْنَا ذُرِّيَّتَهُمْ فِي الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿٤١﴾

(٤١) ۽ انهن ماڻهن لاءِ هن ۾ به وڏي نشاني آهي جو اسان سندن نسل جي ماڻهن کي (حضرت نوح واري) ڀريل ٻيڙيءَ ۾ کنيو (۽ سلامت جودي جبل جي چوٽيءَ تي پهچايو.)

وَخَلَقْنَا لَهُمْ مِّنْ مِّثْلِهٖ مَا يَرْكَبُوْنَ ﴿٤٢﴾

(٤٢) ۽ اسان هنن جي لاءِ انهيءَ (ٻيڙيءَ) جي مثال تي اهي شيون (جهاز آگبوٽ هوائي جهاز وغيره) پيدا ڪيون جن تي هو سواري ڪن ٿا.

وَ اِنۡ نَّشَاۡ نُغۡرِقۡهُمۡ فَلَا صَرِیۡخَ لَهُمۡ وَ لَا هُمۡ یُنۡقَذُوۡنَ ﴿۴۳﴾

(٤٣) ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون تہ هنن کي غرق ڪري ڇڏيون، جو پوءِ ڪوبہ هنن جون دانهون ۽ فرياد ڪونہ ٻڌي، نڪي هو (ٻڏڻ کان) بچايا وڃن.

اِلَّا رَحۡمَةً مِّنَّا وَ مَتَاعًا اِلٰی حِیۡنٍ ﴿۴۴﴾

(٤٤) (هنن کي ٻڏڻ کان ڪوبہ بچائي نہ سگهندو) فقط اسان جي خاص رحمت هنن کي بچائي سگهندي ۽ ڪنهن مقرر وقت تائين ڪين زندگيءَ جي سهوليت لاءِ مال متاع ڏنو ويندو.

وَ اِذَا قِیۡلَ لَهُمُ اتَّقُوۡا مَا بَیۡنَ اَیۡدِیۡكُمۡ وَ مَا خَلۡفَكُمۡ لَعَلَّكُمۡ تُرۡحَمُوۡنَ ﴿۴۵﴾

(٤٥) ۽ جڏهن هنن (منڪرن) کي چيو وڃي ٿو تہ جيڪا (سزا) توهان جي سامهون اچي بيٺي آهي ۽ جيڪا توهان جي پٺيان اچٽي آهي تنهن کان ڊڄو (۽ گناهن کان پرهيز ڪري نيڪ عمل ڪيو) تہ من توهان تي رحم ڪيو وڃي، (تڏهن اهي منڪر آڪڙ ۾ ٻڌن ئي نٿا ۽ پٺي ڏيئي هليا ٿا وڃن)

وَ مَا تَاۡتِیۡهِمۡ مِّنۡ اٰیَةٍ مِّنۡ اٰیٰتِ رَبِّهِمۡ اِلَّا كَانُوۡا عَنۡهَا مُعۡرِضِیۡنَ ﴿۴۶﴾

(٤٦) ۽ سندن پروردگار جي نشانين مان ڪابہ نشاني اهڙي ڪانہ ٿي اچي جنهن کان هو منهن نٿا موڙين.

وَ اِذَا قِیۡلَ لَهُمۡ اَنۡفِقُوۡا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ۙ قَالَ الَّذِیۡنَ كَفَرُوۡا لِلَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنُطۡعِمُ مَنۡ لَّوۡ یَشَآءُ اللّٰهُ اَطۡعَمَهٗۤ ٭ۖ اِنۡ اَنۡتُمۡ اِلَّا فِیۡ ضَلٰلٍ مُّبِیۡنٍ ﴿۴۷﴾

(٤٧) ۽ جڏهن کين چيو وڃي ٿو تہ جيڪو رزق الله تعاليٰ اوهان کي عطا ڪيو آهي تنهن مان ڪجهہ (الله جي راهہ ۾ محتاجن لاءِ) خرچ ڪيو، تڏهن جن ڪفر جي راه اختيار ڪئي آهي سي مؤمنن کي چون ٿا تہ، ڇا اسان انهن کي کارايون جن کي جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها تہ پاڻ انهن کي کارائي ها؟ توهان (مؤمن) تہ ظاهرظهور گمراهيءَ ۾ آهيو.

وَ یَقُوۡلُوۡنَ مَتٰی هٰذَا الۡوَعۡدُ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِیۡنَ ﴿۴۸﴾

(٤٨) ۽ اهي (منڪر) چون ٿا تہ جيڪڏهن توهان (مؤمن) سچ ٿا ڳالهايو تہ (منڪرن تي عذاب ايندو تہ ٻڌايو تہ) اهو (عذاب جو) واعدو ڪڏهن (ظهور ۾) ايندو.

مَا یَنۡظُرُوۡنَ اِلَّا صَیۡحَةً وَّاحِدَةً تَاۡخُذُهُمۡ وَ هُمۡ یَخِصِّمُوۡنَ ﴿۴۹﴾

(٤٩) هي (بيوقوف منڪر) بس رڳو هڪڙي سخت گجگوڙ لاءِ ترسيا بيٺا آهن جا هنن کي اوچتو اچي پڪڙ ڪندي، جڏهن هو بحثن ۽ جهڳڙن ۾ ئي مشغول هوندا.

فَلَا یَسۡتَطِیۡعُوۡنَ تَوۡصِیَةً وَّ لَاۤ اِلٰۤی اَهۡلِهِمۡ یَرۡجِعُوۡنَ ﴿۵۰﴾

(٥٠) (عذاب اهڙو تہ اوچتو مٿن ڪڙڪندو جو) پوءِ هنن کي رڳو وصيت ڪرڻ جي طاقت بہ ڪانہ ٿيندي. نڪي هو پنهنجي ماڻهن ڏي موٽي وڃي سگهندا.

رڪوع 4

**بهشت ۽ دوزخ وانگر هن دنيا ۾ بہ ڪامياب ۽ گمراهہ قومن لاءِ ترقي ۽ پستي آهي.**

وَ نُفِخَ فِی الصُّوۡرِ فَاِذَا هُمۡ مِّنَ الۡاَجۡدَاثِ اِلٰی رَبِّهِمۡ یَنۡسِلُوۡنَ ﴿۵۱﴾

(٥١) ۽ (قيامت جي ڏينهن) توتاري وڄائي ويندي (تنهن تي) هي ماڻهو قبرن مان (نڪري) پنهنجي پروردگار جي طرف ڊوڙندا ويندا.

قَالُوْا يٰوَيْلَنَا مَنْۢ بَعَثَنَا مِنْ مَّرْقَدِنَا ۜ هٰذَا مَا وَعَدَ الرَّحْمٰنُ وَصَدَقَ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿۵۲﴾

(٥٢) هو چوندا تہ افسوس اسان جي حال تي! ڪنهن اسان کي اسان جي ننڊ جي بسترن مان اٿاري ڪڙو ڪيو آهي. (ڏسجي ٿو تہ) هيءَ ئي آهي (اها قيامت) جنهن جو وعدو رحمان خدا ڪيو هو، ۽ رسولن (واقعي) سچ چيو هو.

اِنْ كَانَتْ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمْ جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ ﴿۵۳﴾

(٥٣) فقط هڪڙوئي آواز ٿيندو تہ پوءِ هڪدم سڀ ماڻهو اسان جي اڳيان حاضر ڪيا ويندا.

فَالْيَوْمَ لَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْـًٔا وَّلَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۵۴﴾

(٥٤) سو انهيءَ ڏينهن ڪنهن بہ شخص سان ذرو بہ بي انصافي ڪانہ ڪئي ويندي. ۽ اوهان ماڻهن کي انهن ئي ڪمن جو بدلو ملندو جي توهان ڪندا رهيا هئو.

اِنَّ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ الْيَوْمَ فِيْ شُغُلٍ فٰكِهُوْنَ ﴿۵۵﴾ۚ

(٥٥) يقيناً (جن نيڪ عمل ڪيا هئا اهي) جنتي ماڻهو انهيءَ ڏينهن هرهڪ شغل ۾ خوشيون ۽ فرحتون ماڻيندا.

هُمْ وَاَزْوَاجُهُمْ فِيْ ظِلٰلٍ عَلَى الْاَرَآئِكِ مُتَّكِـُٔوْنَ ﴿۵۶﴾

(٥٦) اهي ۽ سندن زالون (ٿڌيءَ) ڇانو ۾ سيجن تي وهاڻن تي ٽيڪ ڏيئي (مزي ۽ شان سان) ويٺا رهندا.

لَهُمْ فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّلَهُمْ مَّا يَدَّعُوْنَ ﴿۵۷﴾ۚ

(٥٧) اتي انهن لاءِ هر قسم جا ميوا (۽ خوشيون) موجود هونديون ۽ جيڪي بہ هو طلبيندا سو کين ملندو.

سَلٰمٌ ۣ قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ ﴿۵۸﴾

(٥٨) (سيني کان وڏي ڳالهہ هيءَ تہ) سندن رحيم پروردگار وٽان هنن کي (اهو) سلام پهچايو ويندو (تہ "سلامتي" هجي اوهان تي).

وَامْتَازُوا الْيَوْمَ اَيُّهَا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿۵۹﴾

(٥٩) (گنهگارن کي چيو ويندو تہ) اي گنهارو اڄ جي ڏينهن توهان (نيڪ ماڻهن کان) جدا ٿي بيهو.

اَلَمْ اَعْهَدْ اِلَيْكُمْ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ اَنْ لَّا تَعْبُدُوا الشَّيْطٰنَ ۚ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۶۰﴾ۙ

(٦٠) اي بني آدم! مون اوهان سان عهد نہ ڪيو هو تہ توهان شيطان جي ٻانهپ ۽ تابعداري نہ ڪجو، جو هو يقيناً توهان ڪليو ڪلايو دشمن آهي.

وَّاَنِ اعْبُدُوْنِيْ ۭ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿۶۱﴾

(٦١) ۽ (پڻ حڪم ڏنو هو تہ) فقط منهنجي ٻانهپ ۽ تابعداري ڪجو، جو اهائي سڌي واٽ آهي.

وَلَقَدْ اَضَلَّ مِنْكُمْ جِبِلًّا كَثِيْرًا ۭ اَفَلَمْ تَكُوْنُوْا تَعْقِلُوْنَ ﴿۶۲﴾

(٦٢) پر انهيءَ (شيطان) اوهان مان گهڻن ئي ماڻهن کي ڀلائي ڇڏيو. پوءِ ڇا توهان عقل ۽ سمجهہ نہ هلائي؟

هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ ﴿۶۳﴾

(٦٣) اهو اٿوَ جهنم جنهن جو اوهان کي واعدو ڏنل هو.

اِصْلَوْهَا الْيَوْمَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿۶۴﴾

(٦٤) اڄ داخل ٿيو (۽ سڙو) انهيءَ (باهہ) ۾. انهيءَ جي بدلي ۾ (جهنم جي سزا ڀوڳيو) جو توهان (حقيقتن کان) قطعي انڪار ڪيو (۽ غلط واٽ تي هلي بدعمل ڪيوَ).

اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ عَلٰٓى اَفْوَاهِهِمْ وَتُكَلِّمُنَآ اَيْدِيْهِمْ وَتَشْهَدُ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝٦٥

(٦٥) انهيءَ ڏينهن اسان سندن واتن تي مهر هڻي ڇڏينداسين (۽ هو ڳالهائي ڪونہ سگهندا) پر سندن هٿ ڳالهائيندا ۽ سندن پير شاهدي ڏيندا انهن (بد) عملن بابت جيڪي هنن ڪيا هئا.

وَلَوْ نَشَآءُ لَطَمَسْنَا عَلٰٓى اَعْيُنِهِمْ فَاسْتَبَقُوا الصِّرَاطَ فَاَنّٰى يُبْصِرُوْنَ ۝٦٦

(٦٦) جيڪڏهن اسان چاهيون ها تہ سندن اکيون ڪيري ڇڏيون ها. پوءِ (سڌي) واٽ ڏي وڌڻ جي ڪوشش ڪن، پر ان حالت ۾ هو ڪيئن ڏسي سگهن ها؟

وَلَوْ نَشَآءُ لَمَسَخْنٰهُمْ عَلٰى مَكَانَتِهِمْ فَمَا اسْتَطَاعُوْا مُضِيًّا وَّلَا يَرْجِعُوْنَ ۝٦٧

(٦٧) ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ها تہ هنن کي سندن جاين تي ئي سندن صورتون مٽائي بيهاري ڇڏيون ها، جو پوءِ هو نڪي (اڳتي) هلي سگهن ها، نڪي پنتي موٽي سگهن ها.

## رڪوع 5

**الله جي نعمتن جو قدر ڪري سندن حڪمن تي هلجي، ان ۾ اسان جي پنهنجي ڇڱائي آهي.**

وَمَنْ نُّعَمِّرْهُ نُنَكِّسْهُ فِى الْخَلْقِ ۭ اَفَلَا يَعْقِلُوْنَ ۝٦٨

(٦٨) ۽ جنهن کي اسان وڏي عمر ٿا ڏيون تنهن جون قوتون اسان اٽلندو گهٽائي ٿا ڇڏيون. سو ڇا هي ماڻهو نٿا سمجهن (تہ اسان سڀ ڪجهہ ڪري ٿا سگهون).

وَمَا عَلَّمْنٰهُ الشِّعْرَ وَمَا يَنْۢبَغِيْ لَهٗ ۭ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ وَّقُرْاٰنٌ مُّبِيْنٌ ۝٦٩

(٦٩) ۽ (ياد رکو تہ) اسان ڪيس (يعني حضرت محمدﷺ کي) شعر (يعني بيسود تڪ بنديون) ڪونہ سيکاريون آهن، نڪي شعرگوئي هن کي ٺهي ٿي. (جيڪي هو اوهان کي ٻڌائي ٿو) اهو سواءِ هن جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي تہ سراسر (مفيد) نصيحت آهي ۽ (هر ڪنهن مسئلي کي) چٽو ڪندڙ قرآن آهي.

لِّيُنْذِرَ مَنْ كَانَ حَيًّا وَّيَحِقَّ الْقَوْلُ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ۝٧٠

(٧٠) (قرآن مجيد جو نازل ڪيو ويو آهي سو) هن لاءِ تہ هرهڪ زنده دل انسان کي خبردار ڪري (۽ سنئين واٽ ڏيکاري) ۽ ڪافرن جي باري ۾ اهو قول سچو ثابت ٿئي (تہ هو خدائي ڏنل هدايتن تي عمل نہ ڪرڻ ۽ بد ڪمن ڪرڻ سببان هن ئي دنيا ۾ خوار خراب ۽ تباهہ ٿي ويندا).

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا خَلَقْنَا لَهُمْ مِّمَّا عَمِلَتْ اَيْدِيْنَآ اَنْعَامًا فَهُمْ لَهَا مٰلِكُوْنَ ۝٧١

(٧١) اهي (منڪر) نٿا ڏسن ڇا تہ جيڪي جيڪي اسان جي هٿن بنايو آهي، تنهن مان (هڪڙي نعمت هيءَ آهي تہ) اسان هنن لاءِ ڍڳا ڍور خلقيا آهن، جن جا هو مالڪ بنيا وينا آهن.

وَذَلَّلْنٰهَا لَهُمْ فَمِنْهَا رَكُوْبُهُمْ وَمِنْهَا يَاْكُلُوْنَ ۝٧٢

(٧٢) ۽ اسان انهن (ڍڳن ڍورن) کي سندن تابع ڪري ڏنو آهي. سو انهن مان ڪن تي سواري ڪن ٿا ۽ ڪن (جي گوشت وغيره) کي کائين ٿا.

وَلَهُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَمَشَارِبُ ۭ اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ ۝٧٣

(٧٣) ۽ انهن ڍڳن ڍورن مان هنن جي لاءِ ٻيا بہ فائدا آهن ۽ پڻ پيئڻ جون شيون (کير لسي وغيره حاصل ٿين ٿيون) پوءِ بہ هو شڪر نٿا ڪن؟

وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لَّعَلَّهُمْ يُنْصَرُوْنَ ۝٧٤

(٧٤) ۽ (الله تعاليٰ وٽان نعمتون ملندي بہ) هو الله کي ڇڏي (هٿرادو ٺاهيل) معبودن کي چنبڙي پيا آهن، انهيءَ (اجائي) اميد تي تہ (انهن مان) کين مدد ملندي.

لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَهُمْ ۙ وَهُمْ لَهُمْ جُنْدٌ مُّحْضَرُوْنَ ۝٧٥

(٧٥) اهي (ٺلها) معبود هنن کي ڪابہ مدد ڏيئي نہ سگهندا. ۽ اهي خود هنن جي لاءِ ٽولي بنائي (خدا جي حضور ۾) حاضر ڪيا ويندا (تہ منڪر ڏسن تہ هو پاڻ خد جي اڳيان عاجز آهن ۽ کين ڪابہ مدد ڪانہ ڪري سگهندا).

فَلَا يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ ۘ اِنَّا نَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۝٧٦

(٧٦) سو (اي پيغمبر!) هنن جي مخالفت وارين ڳالهين تي غم نہ ڪر، جيڪي جيڪي هو لڪائين ٿا ۽ جيڪي جيڪي هو ظاهر ڪن ٿا سو سڀ اسان چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا (سو اسان کين اهڙو تہ سوگهو جهليندا سين جو توکي ڪوبہ نقصان پهچائي نہ سگهندا).

اَوَلَمْ يَرَ الْاِنْسَانُ اَنَّا خَلَقْنٰهُ مِنْ نُّطْفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ۝٧٧

(٧٧) انسان نٿو ڏسي ڇا تہ اسان کيس نطفي مان پيدا ڪيو آهي؟ پوءِ بہ ڏسو تہ هو کليو ڪلايو جهڳڙالو ٿي بيٺو آهي.

وَضَرَبَ لَنَا مَثَلًا وَّنَسِيَ خَلْقَهٗ ۭ قَالَ مَنْ يُّحْيِ الْعِظَامَ وَهِيَ رَمِيْمٌ ۝٧٨

(٧٨) ۽ اسان جي لاءِ مثال ٿو ٺاهي (ڄڻ تہ خدا بہ انسانن وانگر ڪمزور آهي) ۽ پنهنجو (بنياد ۽) خلقت وساري ٿو ڇڏي. هو چوي ٿو تہ، ڪير سڪن سڙين هڏن کي (وري) جيئاري ٿو سگهي؟ (هو سمجهي ٿو تہ خدا جي طاقت بہ انسانن وانگر محدود آهي).

قُلْ يُحْيِيْهَا الَّذِيْٓ اَنْشَاَهَآ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۭ وَهُوَ بِكُلِّ خَلْقٍ عَلِيْمٌ ۝٧٩

(٧٩) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ اهوئي (الله) انهن کي (وري) جيئاريندو جنهن پهريائين انهن کي خلقيو هو ۽ هو هر قسم جي خلقڻ ۾ وڏو ماهر آهي.

الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الشَّجَرِ الْاَخْضَرِ نَارًا فَاِذَآ اَنْتُمْ مِّنْهُ تُوْقِدُوْنَ ۝٨٠

(٨٠) جو (الله) اوهان لاءِ سائي وڻ مان باهہ پيدا ڪري ٿو. پوءِ ڏسو تہ توهان ان مان (پنهنجن ڪمن ڪارين لاءِ) باهہ ٻاريو ٿا.

اَوَلَيْسَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓي اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ ڲ بَلٰي ۤ وَهُوَ الْخَلّٰقُ الْعَلِيْمُ ۝٨١

(٨١) (غور تہ ڪيو تہ) جنهن آسمانن ۽ زمين کي خلقيو تنهن کي اها قدرت ڪانهي ڇا تہ وري انهن جهڙا خلقي سگهي؟ بيشڪ (خلقي سگهي ٿو) ۽ هو اعليٰ درجي جو خالق ۽ وڏي علم وارو آهي.

اِنَّمَآ اَمْرُهٗٓ اِذَآ اَرَادَ شَيْـــًٔا اَنْ يَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ۝٨٢

(٨٢) جڏهن هو ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪندو آهي تڏهن هن جو حڪم يقيناً هي هوندو آهي جو ان بابت رڳو چوندو آهي تہ، ٿيءُ، تہ اها ٿي پوندي آهي.

فَسُبْحٰنَ الَّذِيْ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ وَّاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ۝٨٣

(٨٣) سو بيشڪ وڏو شان آهي انهيءَ (الله) جو جنهن جي هٿ ۾ سيني شين جو قبضو ۽ بادشاهي آهي. ۽ (ياد رکو تہ) توهان سڀ (آخر) ڏانهس موٽايا ويندؤ.

## سورة الصافات (صافات جمع صف معنيٰ قطارن ۾ بيٺل) مڪي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رڪوع 1

**منڪرن جون بي وقوفيءَ واريون مسخريون ـ فيصلي واري ڏينهن ڪين خبر پوندي تہ حق ۽ ان جو نتيجو ڇا آهي ۽ حق کان منهن موڙڻ جو نتيجو ڇا آهي.**

| | |
|---|---|
| وَالصّٰٓفّٰتِ صَفًّا ۙ﴿۱﴾ | (۱) غور ڪيو انهن بابت جيڪي صفون ٻڌيون بيٺا آهن. |
| فَالزّٰجِرٰتِ زَجۡرًا ۙ﴿۲﴾ | (۲) ۽ جيڪي (برائين کي ۽ ظالمن کي) سختيءَ سان ڌڪي ڇڏيندا آهن. |
| فَالتّٰلِيٰتِ ذِكۡرًا ۙ﴿۳﴾ | (۳) ۽ جيڪي (خدا جو) پيغام (قرآن مجيد) پڙهي ٻڌائيندڙ آهن. |
| اِنَّ اِلٰهَكُمۡ لَوَاحِدٌ ؕ﴿۴﴾ | (٤) (غور ڪرڻ سان اوهان معلوم ڪري وٺندؤ تہ) يقيناً اوهان جو معبود (الله تعاليٰ) بيشڪ هڪ آهي. |
| رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَمَا بَيۡنَهُمَا وَرَبُّ الۡمَشَارِقِ ؕ﴿۵﴾ | (۵) (جو) آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهن جو پروردگار آهي، ۽ هو مشرق جو پروردگار آهي. |
| اِنَّا زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنۡيَا بِزِيۡنَةِ ۨالۡكَوَاكِبِ ۙ﴿۶﴾ | (٦) يقيناً اسان ئي هن ويجهي آسمان کي تارن جي زينت سان رونق ڏني آهي. |
| وَحِفۡظًا مِّنۡ كُلِّ شَيۡطٰنٍ مَّارِدٍ ۚ﴿۷﴾ | (۷) ۽ (ان کي) هرهڪ سرڪش باغي شيطان کان حفاظت ۾ رکيو آهي. |
| لَا يَسَّمَّعُوۡنَ اِلَى الۡمَلَاِ الۡاَعۡلٰى وَيُقۡذَفُوۡنَ مِنۡ كُلِّ جَانِبٍ ۖ﴿۸﴾ | (۸) اهي (شيطان) اعليٰ سردارن جون ڳالهيون ٻڌي نٿا سگهن. (بلڪ) هر طرف کان ڪين تڙي ڪڍيو ٿو وڃي. |
| دُحُوۡرًا وَّلَهُمۡ عَذَابٌ وَّاصِبٌ ۙ﴿۹﴾ | (۹) اهي تڙيل ۽ ڌڪاريل آهن، ۽ انهن جي لاءِ دائمي عذاب آهي. |
| اِلَّا مَنۡ خَطِفَ الۡخَطۡفَةَ فَاَتۡبَعَهٗ شِهَابٌ ثَاقِبٌ ﴿۱۰﴾ | (۱۰) (اهي شيطان اعليٰ سردارن جي ويجهو وڃي نٿا سگهن) سواءِ انهيءَ جي جو چوري ڇپي جهٽ هٽي ڪجهہ ڪٽي وڃي. پر پوءِ تکيءَ روشنيءَ وارو ٻرندڙ تارو هن جي پٺيان ڪاهي پوي ٿو. |
| فَاسۡتَفۡتِهِمۡ اَهُمۡ اَشَدُّ خَلۡقًا اَمۡ مَّنۡ خَلَقۡنَا ؕ اِنَّا خَلَقۡنٰهُمۡ مِّنۡ طِيۡنٍ لَّازِبٍ ﴿۱۱﴾ | (۱۱) سو هنن (منڪرن ماڻهن) جي راءِ تہ پڇ تہ ڪين خلقڻ (اسان جي لاءِ) وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي يا ٻي سڀ ڪائنات جا اسان خلقي آهي. (تنهنجي خلقڻ جو ڪم وڌيڪ ڏکيو آهي). اسان تہ هنن کي چنبڙندڙ گاري مان خلقيو آهي. |
| بَلۡ عَجِبۡتَ وَيَسۡخَرُوۡنَ ۖ﴿۱۲﴾ | (۱۲) سچ پچ توکي (اي پيغمبر) عجب ٿو لڳي جڏهن هي (بي وقوف منڪر) مسخريون ٿا ڪن (۽ نٿا سمجهن تہ الله تعاليٰ هر چيز تي قادر آهي). |
| وَاِذَا ذُكِّرُوۡا لَا يَذۡكُرُوۡنَ ۖ﴿۱۳﴾ | (۱۳) ۽ جڏهن هنن کي نصيحت ڪئي وڃي ٿي تڏهن هو ڌيان ئي نٿا ڏين. |
| وَاِذَا رَاَوۡا اٰيَةً يَّسۡتَسۡخِرُوۡنَ ۖ﴿۱٤﴾ | (١٤) ۽ جڏهن هو ڪا نشاني ڏسن ٿا تڏهن مسخريون ٿا ڪن. |

وَقَالُوٓا إِنْ هَٰذَآ إِلَّا سِحْرٌ مُّبِينٌ ﴿١٥﴾

(١٥) ۽ چون ٿا ته هي ته ڪجهه به ناهي، سواءِ هن جي ته چٽو پٽو جادو آهي.

ءَإِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَإِنَّا لَمَبْعُوثُونَ ﴿١٦﴾

(١٦) (۽ هيئن به چون ٿا ته) ڇا جڏهن اسان مري وينداسين ۽ مٽي ۽ هڏيون ٿي وينداسين تڏهن اسان کي وري اٿاريو ويندو

أَوَءَابَآؤُنَا الْأَوَّلُونَ ﴿١٧﴾

(١٧) ۽ پڻ اسان جي قديم ابن ڏاڏن کي (به اٿاريو ويندو ؟)

قُلْ نَعَمْ وَأَنتُمْ دَاخِرُونَ ﴿١٨﴾

(١٨) (اي پيغمبر تون) چئو ته هائو (بيشڪ اوهان کي اٿاريو ويندو) ۽ (پوءِ) توهان ذليل ۽ خوار خراب ٿيندؤ.

فَإِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ وَّاحِدَةٌ فَإِذَا هُمْ يَنظُرُونَ ﴿١٩﴾

(١٩) (ٻڌو) اهو اٿارڻ (ڪو وقت ڪونه وٺندو) فقط هڪ ضرب يا آواز سان ٿيندو ۽ هو هڪدم ڏسڻ لڳندا.

وَقَالُوا يَاوَيْلَنَا هَٰذَا يَوْمُ الدِّينِ ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ چوڻ لڳندا ته، افسوس اسان جي حال تي! هي آهي جزا يا بدلي جو ڏينهن.

هَٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ الَّذِي كُنتُم بِهِ تُكَذِّبُونَ ﴿٢١﴾

(٢١) (کين چيو ويندو ته هائو) هي آهي اهو جدا جدا ڪرڻ جو ڏينهن جنهن جي مڃڻ کان انڪار ڪندا هئو.

رڪوع 2

**قيامت بعد مؤمنن جي اعليٰ حالت ۽ منڪرن جي بدحالي.**

احْشُرُوا الَّذِينَ ظَلَمُوا وَأَزْوَاجَهُمْ وَمَا كَانُوا يَعْبُدُونَ ﴿٢٢﴾

(٢٢) (قيامت جي ڏينهن حڪم ٿيندو ته) ظالمن کي، سندن رفيقن کي ۽ جن جي هو تابعداري ۽ ٻانهپ ڪندا هئا تن سيني کي گڏ ڪري هتي آڻيو.

مِن دُونِ اللَّهِ فَاهْدُوهُمْ إِلَىٰ صِرَاطِ الْجَحِيمِ ﴿٢٣﴾

(٢٣) خدا کي ڇڏي (جن جي ٻانهپ ڪندا هئا تن کي گڏ ڪري آڻيو ۽) انهن سيني کي (يعني ظالمن، سندن ساٿين ۽ معبودن کي) ساڙيندڙ دوزخ واريءَ واٽ تي لڳائي ڇڏيو (ته وڃي دوزخ ۾ ڪرن ۽ سڙن).

وَقِفُوهُمْ إِنَّهُم مَّسْئُولُونَ ﴿٢٤﴾

(٢٤) ۽ کين بيهاريو جو کانئن ڪجهه پڇيو ويندو.

مَا لَكُمْ لَا تَنَاصَرُونَ ﴿٢٥﴾

(٢٥) (کانئن پڇيو ويندو ته) توهان کي ڇا ٿي ويو آهي، جو هڪ ٻئي جي مدد نٿا ڪيو.

بَلْ هُمُ الْيَوْمَ مُسْتَسْلِمُونَ ﴿٢٦﴾

(٢٦) حقيقت هي هوندي جو انهيءَ ڏينهن هو تسليم ڪندا (۽ پنهنجو قصور سمجهي لاجواب ٿي بيهندا).

وَأَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلَىٰ بَعْضٍ يَتَسَاءَلُونَ ﴿٢٧﴾

(٢٧) ۽ هو هڪٻئي ڏي منهن ڪري هڪ ٻئي کان پڇندا.

قَالُوا إِنَّكُمْ كُنتُمْ تَأْتُونَنَا عَنِ الْيَمِينِ ﴿٢٨﴾

(٢٨) (رواجي مسڪين ماڻهو ليڊرن ۽ حاڪمن کي) چوندا ته توهان ساڄي طرف کان (يعني زور ۽ حڪم جي نموني) اسان ڏي (اسان کي برغلائڻ لاءِ) ايندا هئو (سو توهان اسان کي هن حال ۾ آندو آهي).

قَالُوْا بَلْ لَّمْ تَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ۚ ﴿۲۹﴾

(٢٩) اهي (زور وارا ماڻهو) جواب ڏيندا ته نه (رڳو اسان جو قصور ڪونهي). حقيقت هي آهي ته توهان ڪي به انهن (رسولن جي ٻڌايل حقيقتن) تي ايمان ڪونه ٿي آيو.

وَمَا كَانَ لَنَا عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ ۚ بَلْ كُنْتُمْ قَوْمًا طٰغِيْنَ ﴿۳۰﴾

(٣٠) نڪي اسان ڪي اوهان جي مٿان ڪا اختياري هئي، نه بلڪل نه. حقيقت هيءَ آهي ته توهان پاڻ سرڪش ماڻهو هئو (۽ خدا جي حڪمن جي تابعداري نه ڪيو.)

فَحَقَّ عَلَيْنَا قَوْلُ رَبِّنَآ ۖ اِنَّا لَذَآئِقُوْنَ ﴿۳۱﴾

(٣١) سو اسان سيني جي حق ۾ اسان جي پروردگار جو قول سچو ثابت ٿيو آهي ته اسان ضرور (عذاب جو) ذائقو چکنداسين.

فَاَغْوَيْنٰكُمْ اِنَّا كُنَّا غٰوِيْنَ ﴿۳۲﴾

(٣٢) اسان اوهان کي گمراهه ڪيو جو يقيناً اسان پڻ گمراهه هئاسين.

فَاِنَّهُمْ يَوْمَئِذٍ فِي الْعَذَابِ مُشْتَرِكُوْنَ ﴿۳۳﴾

(٣٣) سو يقيناً انهيءَ ڏينهن اهي سڀ (مسڪين توڙي زور وارا ليڊر) عذاب ۾ شريڪ هوندا.

اِنَّا كَذٰلِكَ نَفْعَلُ بِالْمُجْرِمِيْنَ ﴿۳۴﴾

(٣٤) (ياد رکو ته) اسان گنهگارن سان اهڙي ئي طرح هلت ڪنداسين.

اِنَّهُمْ كَانُوْٓا اِذَا قِيْلَ لَهُمْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ۙ يَسْتَكْبِرُوْنَ ۙ ﴿۳۵﴾

(٣٥) اهي ئي هئا جڏهن انهن (منڪرن) کي چيو ويندو هو ته الله کان سواءِ ڪو به معبود ڪونهي، تڏهن هو تڪبر ڪندا هئا (۽ اها ڳالهه نه مڃيندا هئا).

وَيَقُوْلُوْنَ اَئِنَّا لَتَارِكُوْٓا اٰلِهَتِنَا لِشَاعِرٍ مَّجْنُوْنٍ ۭ ﴿۳۶﴾

(٣٦) ۽ چوندا هئا ته هڪڙي چرئي شاعر جي لاءِ اسان پنهنجي خدائن کي ڇڏي ڏينداسين ڇا؟

بَلْ جَآءَ بِالْحَقِّ وَصَدَّقَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۳۷﴾

(٣٧) نه نه (هو چريو شاعر هرگز ناهي) پر پاڻ سان حق کڻي آيو آهي (۽ جلد ڏسندؤ ته حق قائم رهندو ۽ باطل فنا ٿي ويندو) ۽ (اڳوڻن) رسولن (جي پيغام) جي تصديق ٿو ڪري.

اِنَّكُمْ لَذَآئِقُوا الْعَذَابِ الْاَلِيْمِ ۚ ﴿۳۸﴾

(٣٨) يقيناً اوهان (منڪر) سخت عذاب جو ذائقو چکندؤ.

وَمَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۙ ﴿۳۹﴾

(٣٩) جيڪي جيڪي (بد) عمل توهان ڪيا هوندا تن جو ئي پورو پورو بدلو اوهان کي ملندو (نه گهٽ نه وڌ).

اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿۴۰﴾

(٤٠) پر الله جا سچا ٻانها (انهن جي حالت ٻي هوندي ۽ وڏيون نعمتون ماڻيندا)

اُولٰٓئِكَ لَهُمْ رِزْقٌ مَّعْلُوْمٌ ۙ ﴿۴۱﴾

(٤١) انهن جي لاءِ مقرر رزق هوندو.

فَوَاكِهُ ۚ وَهُمْ مُّكْرَمُوْنَ ۙ ﴿۴۲﴾

(٤٢) (هنن لاءِ) ميوا (۽ هر قسم جون نعمتون ۽ خوشيون) هونديون ۽ هنن کي وڏي عزت ۽ وڏو درجو ملندو.

فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ۙ ﴿۴۳﴾

(٤٣) (هو) نعمتن جي باغن ۾ هوندا.

| | |
|---|---|
| عَلَىٰ سُرُرٍ مُّتَقَٰبِلِينَ ﴿٤٤﴾ | (٤٤) (جتي) تخت تي هڪٻئي جي سامهون ٿي ويهندا. |
| يُطَافُ عَلَيْهِم بِكَأْسٍ مِّن مَّعِينٍۭ ﴿٤٥﴾ | (٤٥) صاف چشمي مان (ڀريل) پيالو هنن ۾ ڦيرايو ويندو. |
| بَيْضَآءَ لَذَّةٍ لِّلشَّٰرِبِينَ ﴿٤٦﴾ | (٤٦) جو صاف اڇو هوندو ۽ پيئندڙن لاءِ ڏاڍو لذيذ هوندو. |
| لَا فِيهَا غَوْلٌ وَلَا هُمْ عَنْهَا يُنزَفُونَ ﴿٤٧﴾ | (٤٧) ان جي پيئڻ سان نڪي مٿي کي ڦيري ايندي، نڪي ان سان هنن کي ڪو نشو ٿيندو. |
| وَعِندَهُمْ قَٰصِرَٰتُ ٱلطَّرْفِ عِينٌ ﴿٤٨﴾ | (٤٨) ۽ هنن وٽ اکيون هيٺ ڪندڙ (شرميليون) ۽ وڏين اکين واريون عورتون هونديون. |
| كَأَنَّهُنَّ بَيْضٌ مَّكْنُونٌ ﴿٤٩﴾ | (٤٩) ڄڻ ته هو لڪائي رکيل بيضا آهن. |
| فَأَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلَىٰ بَعْضٍ يَتَسَآءَلُونَ ﴿٥٠﴾ | (٥٠) اهي هڪ ٻئي ڏانهن منهن ڪندا ۽ هڪٻئي کان (ڳالهيون) پڇندا. |
| قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ إِنِّى كَانَ لِى قَرِينٌ ﴿٥١﴾ | (٥١) انهن مان هڪڙو ڳالهائيندڙ چوندو ته يقيناً (دنيا ۾) منهنجو هڪڙو سنگتي هو. |
| يَقُولُ أَءِنَّكَ لَمِنَ ٱلْمُصَدِّقِينَ ﴿٥٢﴾ | (٥٢) جيڪو چوندو هو ته، تون به انهن منجهان آهين ڇا جي (رسول جي پيغام جي) تصديق ڪندڙ آهن (۽ ڪيس مڃيندڙ آهن)؟ |
| أَءِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَعِظَٰمًا أَءِنَّا لَمَدِينُونَ ﴿٥٣﴾ | (٥٣) ڇا جڏهن اسان مري وينداسين ۽ مٽيءَ ۾ هڏيون ٿي ويندا سين تڏهن (اسان کي وري جيئرو ڪيو ويندو ۽ اسان جي عملن جو) اسان کي بدلو ڏنو ويندو؟ |
| قَالَ هَلْ أَنتُم مُّطَّلِعُونَ ﴿٥٤﴾ | (٥٤) (جڏهن بهشت وارو پنهنجي دنيا واري سنگتيءَ جا اهي لفظ ٻڌائيندو تڏهن) آواز ايندو ته توهان (بهشت وار انهيءَ سنگتيءَ جي حالت معلوم ڪرڻ لاءِ) هيٺ نهارڻ چاهيو ٿا ڇا؟ |
| فَٱطَّلَعَ فَرَءَاهُ فِى سَوَآءِ ٱلْجَحِيمِ ﴿٥٥﴾ | (٥٥) پوءِ هو هيٺ نهاريندو ۽ انهيءَ (سنگتيءَ) کي دوزخ جي باهه جي وچ ۾ ڏسندو. |
| قَالَ تَٱللَّهِ إِن كِدتَّ لَتُرْدِينِ ﴿٥٦﴾ | (٥٦) (۽ ڪيس) چوندو ته قسم آهي خدا جو ته تو ته مون کي ذري گهٽ ڪڏ ۾ ڪيرايو هو. |
| وَلَوْلَا نِعْمَةُ رَبِّى لَكُنتُ مِنَ ٱلْمُحْضَرِينَ ﴿٥٧﴾ | (٥٧) ۽ جيڪڏهن مون تي خدا جي مهرباني نه ٿئي ها ته مان ته انهن منجهان ٿيان ها جيڪي (هتي سزا لاءِ) حاضر ڪيا ويا آهن. |
| أَفَمَا نَحْنُ بِمَيِّتِينَ ﴿٥٨﴾ | (٥٨) (اهو بهشتي خوشي ۾ دٻ ۾ وڏيڪ) چوندو ته ڇا اسان وري ته ڪونه مرنداسين؟ |

إِلَّا مَوْتَتَنَا الْأُولَىٰ وَمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِينَ ۝٥٩

(٥٩) سواءِ اسان جي پهرئين موت جي (ٻيو موت تہ ڪونہ ڏسنداسين؟) نڪي اسان کي عذاب ڪيو ويندو؟

إِنَّ هَٰذَا لَهُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيمُ ۝٦٠

(٦٠) (هي بهشت جو دائمي طور مليو آهي، سو) بيشڪ اها وڏي (سعادت ۽) ڪامراني آهي.

لِمِثْلِ هَٰذَا فَلْيَعْمَلِ الْعَامِلُونَ ۝٦١

(٦١) پوءِ اهڙيءَ ڪامرانيءَ واسطي سڀني عمل ڪندڙن کي (چڱا) عمل ڪرڻ گهرجن.

أَذَٰلِكَ خَيْرٌ نُّزُلًا أَمْ شَجَرَةُ الزَّقُّومِ ۝٦٢

(٦٢) ڇا اها (ڪامراني) بهتر مهماني آهي يا (دوزخ وارو) ٿوهر جو وڻ (بهتر نعمت آهي)؟

إِنَّا جَعَلْنَاهَا فِتْنَةً لِّلظَّالِمِينَ ۝٦٣

(٦٣) يقيناً اسان انهيءَ (ٿوهر جي وڻ) کي ظالمن لاءِ فتنو (يعني آزمائش) ڪيو آهي.

إِنَّهَا شَجَرَةٌ تَخْرُجُ فِي أَصْلِ الْجَحِيمِ ۝٦٤

(٦٤) اهو هڪڙو وڻ آهي جو دوزخ جي تري مان اپري ٿو.

طَلْعُهَا كَأَنَّهُ رُءُوسُ الشَّيَاطِينِ ۝٦٥

(٦٥) انهيءَ (جي ميون) جا ڇڳا اهڙا آهن جو ڄڻ تہ شيطانن جا مٿا آهن.

فَإِنَّهُمْ لَآكِلُونَ مِنْهَا فَمَالِئُونَ مِنْهَا الْبُطُونَ ۝٦٦

(٦٦) يقيناً ان وڻ منجهان (ڪوڙو ميوو) هو کائيندا ۽ ان سان پنهنجي پيٽن کي ڀري ڇڏيندا.

ثُمَّ إِنَّ لَهُمْ عَلَيْهَا لَشَوْبًا مِّنْ حَمِيمٍ ۝٦٧

(٦٧) پوءِ اُن جي مٿان هنن کي ٽهڪندڙ پاڻيءَ جو مڪسچر پياريو ويندو.

ثُمَّ إِنَّ مَرْجِعَهُمْ لَإِلَى الْجَحِيمِ ۝٦٨

(٦٨) پوءِ يقيماً هنن کي وري دوزخ جي باهہ ڏي موٽايو ويندو (ائين وري وري ڪيو ويندو).

إِنَّهُمْ أَلْفَوْا آبَاءَهُمْ ضَالِّينَ ۝٦٩

(٦٩) يقيناً هنن پنهنجن ابن ڏاڏن کي غلط راهہ تي ڏٺو (پر اهو خيال ڪونہ ڪيائون تہ هو غلط راهہ تي آهن).

فَهُمْ عَلَىٰ آثَارِهِمْ يُهْرَعُونَ ۝٧٠

(٧٠) سو پاڻ بہ انهن جي نقش قدم تي ڊوڪيندا هلندا رهيا.

وَلَقَدْ ضَلَّ قَبْلَهُمْ أَكْثَرُ الْأَوَّلِينَ ۝٧١

(٧١) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ ڪانئن اڳي آيل ماڻهن مان گهڻا گمراهہ ٿي ويا هئا.

وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا فِيهِم مُّنذِرِينَ ۝٧٢

(٧٢) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان هنن ۾ خبردار ڪندڙ (پيغمبر) موڪليا. (پر هنن ڌيان ڪونہ ڏنو).

فَانظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنذَرِينَ ۝٧٣

(٧٣) سو ڏسو تہ جن کي خبردار بہ ڪيو ويو (تہ بہ ڪين مڙيا) تن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ (خراب) ٿي.

إِلَّا عِبَادَ اللَّهِ الْمُخْلَصِينَ ۝٧٤

(٧٤) پر الله جا سچا ٻانها (نہ رڳو عذاب کان بچيا پر هر طرح ڪامياب ۽ ڪامران رهيا.

### رکوع 3

**حضرت نوح، حضرت ابراهيم ۽ سندن پٽن جو ڪجھ بيان.**

وَلَقَدْ نَادٰىنَا نُوْحٌ فَلَنِعْمَ الْمُجِيْبُوْنَ ۝٧٥

(٧٥) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ حضررت نوح اسان کي پڪاريو (۽ اسان هن جي پڪار ٻڌي ۽ سندس مدد ڪئي) سو اسان (پڪار ڪندڙن جي) مدد ڪرڻ ۾ ڪھڙا نہ چڱا آهيون.

وَنَجَّيْنٰهُ وَاَهْلَهٗ مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ ۝٧٦

(٧٦) ۽ اسان هن کي ۽ سندس ماڻھن کي وڏي آفت (يعني ٻوڏ) کان بچايو.

وَجَعَلْنَا ذُرِّيَّتَهٗ هُمُ الْبٰقِيْنَ ۝٧٧

(٧٧) ۽ اسان سندس نسل کي (زمين تي) باقي رکيو (۽ منڪرن کي ٻوڙي ڇڏيو).

وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ۝٧٨

(٧٨) ۽ اسان هن جي لاءِ پوين پيڙهين ۾ هيءَ (دعا) ڇڏي (جا اڄ تائين گھڻيون ئي قومون گھرنديون آهن تہ:

سَلٰمٌ عَلٰى نُوْحٍ فِي الْعٰلَمِيْنَ ۝٧٩

(٧٩) سيني ماڻھن ۾ يا سيني جهانن ۾ حضرت نوح تي سلام هجي (يا سلامتي هجي مٿس).

اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ۝٨٠

(٨٠) بيشڪ اسان نيڪي ڪندڙن کي اهڙي ئي طرح نيڪ بدلو ڏيندا آهيون.

اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ۝٨١

(٨١) بيشڪ هو اسان جي مؤمن ٻانهن مان هو.

ثُمَّ اَغْرَقْنَا الْاٰخَرِيْنَ ۝٨٢

(٨٢) پوءِ اسان ٻين کي ٻوڏ ۾ غرق ڪري ڇڏيو.

وَاِنَّ مِنْ شِيْعَتِهٖ لَاِبْرٰهِيْمَ ۝٨٣

(٨٣) ۽ يقيناً سندس جماعت مان (يعني سندس طريقي تہ هلندڙ) حضرت ابراهيم بہ هو.

اِذْ جَآءَ رَبَّهٗ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ۝٨٤

(٨٤) ڏسو هن سالم دل سان پنهنجي پروردگار ڏي پنهنجي رخ رکيو.

اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖ مَاذَا تَعْبُدُوْنَ ۝٨٥

(٨٥) ڏسو هن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم جي ماڻھن کان پڇيو تہ توهان ڇا کي پوڄي رهيا آهيو (هي بت ۽ هي سج چنڊ تارا آهن ڇا؟)

اَئِفْكًا اٰلِهَةً دُوْنَ اللّٰهِ تُرِيْدُوْنَ ۝٨٦

(٨٦) ڇا ڪوڙ کي پوڄي رهيا آهيو؟ الله کي ڇڏي (ڪوڙن) معبودن (جي پوڄا ڪرڻ) ٿا چاهيو؟

فَمَا ظَنُّكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٨٧

(٨٧) پوءِ ٻلا جهان جي پروردگار جي متعلق اوهان جو ڪھڙو خيال آهي؟

فَنَظَرَ نَظْرَةً فِي النُّجُوْمِ ۝٨٨

(٨٨) پوءِ هن تارن ڏي هڪڙي نظر اڇلائي.

فَقَالَ اِنِّيْ سَقِيْمٌ ۝٨٩

(٨٩) ۽ چيو تہ مان بيمار آهيا.

فَتَوَلَّوْا عَنْهُ مُدْبِرِيْنَ ۝٩٠

(٩٠) پوءِ اهي (بت پرست ۽ نجوم پرست) هن کي پٺي ڏيئي هليا ويا.

فَرَاغَ اِلٰٓى اٰلِهَتِهِمْ فَقَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ ۝٩١

(٩١) پوءِ حضرت ابراهيم سندس معبودن (يعني بتن ڏي) رخ ڪيو ۽

| | |
|---|---|
| | چيو تہ چا (جيڪي طعام توهان جي اڳيان بت پرستن رکيا آهن سي) کائو ئي نٿا؟ |
| مَا لَكُمْ لَا تَنْطِقُوْنَ ﴿٩٢﴾ | (٩٢) توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو (جواب ئي نٿا ڏيو ۽) ڳالهايو ئي نٿا. |
| فَرَاغَ عَلَيْهِمْ ضَرْبًا بِالْيَمِيْنِ ﴿٩٣﴾ | (٩٣) سو هنن ڏي وڌيو ۽ ساڄي هٿ سان (هنن کي) ڌڪ هڻڻ لڳو. |
| فَاَقْبَلُوْٓا اِلَيْهِ يَزِفُّوْنَ ﴿٩٤﴾ | (٩٤) تنهن تي اهي ماڻهو ڊوڙندا آيا ۽ سندس سامهون ٿيا. |
| قَالَ اَتَعْبُدُوْنَ مَا تَنْحِتُوْنَ ﴿٩٥﴾ | (٩٥) حضرت ابراهيم کين چيو تہ، ڇا جن کي توهان پاڻ تراشي ٺاهيو آهي تن کي توهان پوڄيو ٿا؟ |
| وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾ | (٩٦) (توهان ايترو بہ خيال نٿا ڪيو تہ) الله ئي توهان کي خلقيو آهي ۽ جيڪي توهان بڻايو ٿا تنهن کي بہ (تہ اصل الله ئي پيدا ڪيو آهي.) |
| قَالُوا ابْنُوْا لَهٗ بُنْيَانًا فَاَلْقُوْهُ فِي الْجَحِيْمِ ﴿٩٧﴾ | (٩٧) (تنهن تي هو دليل تہ ڪونہ ڏيئي سگهيا سو وير وٺڻ لاءِ) چيائون تہ هن جي لاءِ هڪ ڪورو ٺاهي تپايو ۽ پوءِ اڇلايوس انهي ڄڀي ڪندڙ باهہ ۾. |
| فَاَرَادُوْا بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ الْاَسْفَلِيْنَ ﴿٩٨﴾ | (٩٨) مطلب تہ هنن سندس خلاف گهٽائي منصوبا رٿيا ۽ اسان هنن کي (ناڪامياب ڪري) خوار ۽ بي ايمان ڪري ڇڏيو. |
| وَقَالَ اِنِّيْ ذَاهِبٌ اِلٰى رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ ﴿٩٩﴾ | (٩٩) ۽ حضرت ابراهيم چيو تہ، مان پنهنجي وپروردگار ڏي وڃي رهيو آهيا. يقيناً هو مون کي سڌي واٽ تي لڳائيندو. |
| رَبِّ هَبْ لِيْ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٠٠﴾ | (١٠٠) (حضرت ابراهيم دعا گهري تہ) اي منهنجا پروردگار! مون کي (اهڙو پٽ) ڏي جو صالحن منجهان هجي. |
| فَبَشَّرْنٰهُ بِغُلٰمٍ حَلِيْمٍ ﴿١٠١﴾ | (١٠١) سو اسان هن کي هڪڙي حليم طبع ڇوڪر جي بشارت ڏني. |
| فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْيَ قَالَ يٰبُنَيَّ اِنِّيْٓ اَرٰى فِي الْمَنَامِ اَنِّيْٓ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰى ۭ قَالَ يٰٓاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ ۡ سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَاۗءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٠٢﴾ | (١٠٢) پوءِ جڏهن (حضرت اسماعيل جوان ٿيو ۽) ساڻس گڏ ڪم ڪرڻ جي عمر کي رسيو تڏهن حضرت ابراهيم کيس چيو تہ، اي منهنجا (پيارا) پٽ! مون خواب ۾ ڏٺو آهي تہ توکي ذبح ٿو پيو ڪيان (يعني ڪهان ٿو پيو) پوءِ خيال ڪري ٻڌاءِ تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟ هن جواب ڏنو تي منهنجا (پيارا) بابا! جيڪو توکي حڪم مليو آهي تنهن جي تعميل ڪري ڇڏ. تون ڏسندين تہ انشاءَ الله مان صابر رهندس. |
| فَلَمَّآ اَسْلَمَا وَتَلَّهٗ لِلْجَبِيْنِ ﴿١٠٣﴾ | (١٠٣) پوءِ جڏهن ٻئي ڄڻا حڪم جي تابعداريءَ لاءِ تيار ٿيا ۽ پيءُ پٽ کي پيشانيءَ پر ليٽايو. |
| وَنَادَيْنٰهُ اَنْ يّٰٓاِبْرٰهِيْمُ ﴿١٠٤﴾ | (١٠٤) تڏهن اسان کيس پڪاري چيو تہ، اي ابراهيم (بس، پٽ کي نہ ڪه). |

| | |
|---|---|
| قَدْ صَدَّقْتَ الرُّءْيَا ۚ إِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٠٥﴾ | (١٠٥) بيشڪ تو خواب سچي ڪري ڏيکاريو (يعني پٽ کي ڪهڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهين ۽ هو بہ ڪسجڻ لاءِ دل و جان سان تيار آهي. سو اسان اوهان ٻنهي کي دنيا ۽ آخرت ۾ وڏي ڪاميابي ڏيندا سين) اسان نيڪي ڪندڙن کي اهڙيءَ طرح نيڪ بدلو ڏيندا آهيو. |
| إِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْبَلٰٓؤُا الْمُبِيْنُ ﴿١٠٦﴾ | (١٠٦) يقيناً اها ظاهرظهور آزمائش هئي، (اسان جي ڪا اها مرضي ڪانہ هئي تہ پٽ کي ڪهي ڇڏي. اسان کي جانورن يا ماڻهن جو رت ڪونہ ٿو کپي). |
| وَفَدَيْنٰهُ بِذِبْحٍ عَظِيْمٍ ﴿١٠٧﴾ | (١٠٧) ۽ اسان هڪ وڏي قربانيءَ جو فديو ڏيئي هن کي (يعني حضرت اسماعيل کي) بچايو. |
| وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِى الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٠٨﴾ | (١٠٨) ۽ اسان هن جي لاءِ پوين پيڙهين ۾ هيءَ (دعا) ڇڏي تہ، |
| سَلٰمٌ عَلٰٓى إِبْرٰهِيْمَ ﴿١٠٩﴾ | (١٠٩) سلامتي هجي حضرت ابراهيم تي. |
| كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١١٠﴾ | (١١٠) اسان نيڪي ڪندڙن کي اهڙيءَ طرح نيڪ بدلو ڏيندا آهيون. |
| إِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١١﴾ | (١١١) يقيناً هو اسان جي ايمان وارن ٻانهن مان هو. |
| وَبَشَّرْنٰهُ بِإِسْحٰقَ نَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١١٢﴾ | (١١٢) ۽ اسان حضرت ابراهيم کي (ٻئي پٽ) اسحاق (جي ڄمڻ) جي بشارت ڏني تہ هو هڪ صالح نبي ٿيندو. |
| وَبٰرَكْنَا عَلَيْهِ وَعَلٰٓى إِسْحٰقَ ۗ وَمِنْ ذُرِّيَّتِهِمَا مُحْسِنٌ وَّظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ مُبِيْنٌ ﴿١١٣﴾ | (١١٣) ۽ اسان حضرت ابراهيم تي ۽ حضرت اسحاق تي برڪتون ڪيون. انهن جي نسل مان ڪي تہ نيڪيون ڪندڙ آهن پر ڪي ظاهرظهور (ظالم آهن ۽) پنهنجي نفس تي ظلم ڪري رهيا آهن. |

رڪوع 4

**حضرت موسىٰ، حضرت الياس ۽ حضرت لوط جي باري ۾ ٿورو احوال**

| | |
|---|---|
| وَلَقَدْ مَنَنَّا عَلٰى مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿١١٤﴾ | (١١٤) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان موسىٰ ۽ هارون تي وڏو احسان ڪيو. |
| وَنَجَّيْنٰهُمَا وَقَوْمَهُمَا مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ ﴿١١٥﴾ | (١١٥) ۽ ٻنهي کي ۽ سندن قوم (بني اسرائيل) کي وڏي مصيبت (يعني فرعون جي غلاميءَ ۽ سندس ظلمن) کان ڇڏايو. |
| وَنَصَرْنٰهُمْ فَكَانُوْا هُمُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿١١٦﴾ | (١١٦) ۽ اسان سندس مدد ڪيئ جنهن ڪري هو غالب رهيا (۽ مصيبتن کان ڇٽي پيا). |
| وَاٰتَيْنٰهُمَا الْكِتٰبَ الْمُسْتَبِيْنَ ﴿١١٧﴾ | (١١٧) ۽ اسان ٻنهي کي اهڙو ڪتاب ڏنو جو حقيقتن کي چٽو ڪري ڏيکارڻ ۾ وڏي مدد ڪندڙ هو. |
| وَهَدَيْنٰهُمَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿١١٨﴾ | (١١٨) ۽ اسان ٻنهي کي سڌي راهہ ڏيکاري ڇڏي. |

وَتَرَكْنَا عَلَيْهِمَا فِي الْآخِرِينَ ﴿١١٩﴾
(١١٩) ۽ اسان ٻنهي لاءِ پوين پيڙهين ۾ هي دعا ڇڏي.

سَلَامٌ عَلَىٰ مُوسَىٰ وَهَارُونَ ﴿١٢٠﴾
(١٢٠) (تہ) موسىٰ ۽ هارون تي سلامتي هجي.

إِنَّا كَذَٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِينَ ﴿١٢١﴾
(١٢١) بيشڪ اسان نيڪي ڪندڙن کي اهڙيءَ طرح نيڪ بدلو ڏيندا آهيون.

إِنَّهُمَا مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِينَ ﴿١٢٢﴾
(١٢٢) بيشڪ اهي ٻئي اسان جي مؤمن ٻانهن منجهان هئا.

وَإِنَّ إِلْيَاسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِينَ ﴿١٢٣﴾
(١٢٣) ۽ يقيناً حضرت الياس بہ هڪڙو رسول هو.

إِذْ قَالَ لِقَوْمِهِ أَلَا تَتَّقُونَ ﴿١٢٤﴾
(١٢٤) ڏسو! هن پنهنجي قوم جي ماڻهن کي چيو تہ (خدا جي نافرمانيءَ جي نتيجن کان) توهان ڊڄو ٿي نٿا؟

أَتَدْعُونَ بَعْلًا وَتَذَرُونَ أَحْسَنَ الْخَالِقِينَ ﴿١٢٥﴾
(١٢٥) ڇا توهان بعل (سورج ديوتا) کي پڪاريو ٿا ۽ انهيءَ الله کي ڇڏي ٿا ڏيو جو بهترين خالق آهي.

اللَّهَ رَبَّكُمْ وَرَبَّ آبَائِكُمُ الْأَوَّلِينَ ﴿١٢٦﴾
(١٢٦) انهيءَ الله کي (وساري ٿا ڇڏيو) جو اوهان جو بہ پروردگار آهي ۽ اوهان جي اڳوڻن ابن ڏاڏن جو بہ پروردگار آهي.

فَكَذَّبُوهُ فَإِنَّهُمْ لَمُحْضَرُونَ ﴿١٢٧﴾
(١٢٧) پر هنن کيس ڪوڙو ٺهرايو ۽ نہ مڃيو، سو يقيناً اهي (عذاب لاءِ) حاضر ڪيا ويندا.

إِلَّا عِبَادَ اللَّهِ الْمُخْلَصِينَ ﴿١٢٨﴾
(١٢٨) سواءِ الله جي سچن ٻانهن جي (جن کي ڪامياب ڪيو ويندو).

وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْآخِرِينَ ﴿١٢٩﴾
(١٢٩) ۽ اسان هن جي لاءِ پوين پيڙهين ۾ هيءَ دعا ڇڏي (تہ)،

سَلَامٌ عَلَىٰ إِلْ يَاسِينَ ﴿١٣٠﴾
(١٣٠) حضرت الياس تي سلامتي هجي.

إِنَّا كَذَٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِينَ ﴿١٣١﴾
(١٣١) بيشڪ اسان نيڪيون ڪندڙن کي اهڙيءَ طرح نيڪ بدلو ڏيندا آهيون.

إِنَّهُ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِينَ ﴿١٣٢﴾
(١٣٢) يقيناً هو اسان جي مؤمن ٻانهن مان هڪ هو.

وَإِنَّ لُوطًا لَمِنَ الْمُرْسَلِينَ ﴿١٣٣﴾
(١٣٣) ۽ يقيناً حضرت لوط بہ هڪڙو رسول هو.

إِذْ نَجَّيْنَاهُ وَأَهْلَهُ أَجْمَعِينَ ﴿١٣٤﴾
(١٣٤) ڏسو اسان کيس ۽ سندس سيني ماڻهن کي (سندن مخالفن کان ۽ چپن هيٺ اچي تباهہ ٿيڻ کان) بچائي ورتو.

إِلَّا عَجُوزًا فِي الْغَابِرِينَ ﴿١٣٥﴾
(١٣٥) سواءِ هڪ پوڙهي عورت جي (جا سندس زال هئي) جا پٺتي رهجي ويلن ۾ رهجي پيئي.

ثُمَّ دَمَّرْنَا الْآخَرِينَ ﴿١٣٦﴾
(١٣٦) پوءِ (انهن) ٻين کي اسان (پٿرن جي مينهن سان) ناس ڪري ڇڏيو.

وَإِنَّكُمْ لَتَمُرُّونَ عَلَيْهِمْ مُصْبِحِينَ ﴿١٣٧﴾
(١٣٧) ۽ يقيناً توهان (مڪي جا عرب) ڏينهن جي وقت بہ انهن جي (ڪنڊرن) مٿان لنگهندا آهيو.

وَ بِالَّيْلِ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۧ ﴿١٣٨﴾

(١٣٨) ۽ رات جي وقت بہ (لنگهندا آهيو) پوءِ ڇا توهان (انهيءَ واقعي مان ڪجهہ) سمجهو ٿي نٿا (۽ عبرت ٿي نٿا وٺو. افسوس!)

رڪوع 5

**حضرت يونس جو بيان، مڪي جي ڪافرن جي حالت ۽ ڪين نصيحت.**

وَ اِنَّ يُوْنُسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ؕ ﴿١٣٩﴾

(١٣٩) ۽ يقيناً حضرت يونس بہ هڪڙو رسول هو.

اِذْ اَبَقَ اِلَى الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ۙ ﴿١٤٠﴾

(١٤٠) ڏسو هو (نينوا شهر مان ماڻهن جي مڃڻ بابت نااميد ٿي شهر ڇڏي نڪتو ۽) ڀريل جهاز ڏانهن ڀڄو (۽ ان ۾ چڙهيو).

فَسَاهَمَ فَكَانَ مِنَ الْمُدْحَضِيْنَ ۚ ﴿١٤١﴾

(١٤١) هُن ڪُڻن وجهڻ جي قبوليت ڏني (ڪڻا وڌائون جيڪي سندس خلاف ويا ۽) هو قصور وار ٺهرايو ويو.

فَالْتَقَمَهُ الْحُوْتُ وَهُوَ مُلِيْمٌ ﴿١٤٢﴾

(١٤٢) پوءِ هڪ مڇي ڪيس ڳهي ويئي ۽ هن پاڻ کي ڏوهہ ڏنو (جو هو خدا جي حڪم کان سواءِ نينوا مان نڪتو هو).

فَلَوْ لَاۤ اَنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُسَبِّحِيْنَ ۙ ﴿١٤٣﴾

(١٤٣) پوءِ جيڪڏهن هو (پشيمان نہ ٿئي ها ۽) خدا جي پاڪائي ۽ شان بيان نہ ڪري ها تہ،

لَلَبِثَ فِيْ بَطْنِهٖۤ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ۚ ﴿١٤٤﴾

(١٤٤) قيامت تائين ان (مڇيءَ) جي پيٽ ۾ پيو رهي ها.

فَنَبَذْنٰهُ بِالْعَرَآءِ وَهُوَ سَقِيْمٌ ۚ ﴿١٤٥﴾

(١٤٥) پوءِ اسان هن کي خشڪ ڪناري تي بيمار جهڙي حالت ۾ اڇلائي ڇڏيو.

وَ اَنْۢبَتْنَا عَلَيْهِ شَجَرَةً مِّنْ يَّقْطِيْنٍ ۚ ﴿١٤٦﴾

(١٤٦) ۽ اسان هن جي مٿان هڪڙو ڪدوءَ جي قسم جو پکڙندڙ وڻ ڄمايو ۽ پکيڙيو.

وَ اَرْسَلْنٰهُ اِلٰى مِائَةِ اَلْفٍ اَوْ يَزِيْدُوْنَ ۚ ﴿١٤٧﴾

(١٤٧) ۽ اسان هن کي (وري نينوا جي) هڪ لک ۽ ڪجهہ وڌيڪ ماڻهن ڏانهن موڪليو.

فَاٰمَنُوْا فَمَتَّعْنٰهُمْ اِلٰى حِيْنٍ ؕ ﴿١٤٨﴾

(١٤٨) هنن ايمان آندو سو اسان بہ ڪجهہ عرصي تائين هنن کي آسودگيءَ واري زندگي نصيب ڪئي.

فَاسْتَفْتِهِمْ اَلِرَبِّكَ الْبَنَاتُ وَ لَهُمُ الْبَنُوْنَ ۙ ﴿١٤٩﴾

(١٤٩) سو (اي پيغمبر!) تون هنن (مڪي جي ڪافرن) جي راءِ تہ پڇ تہ، ڇا تنهنجي پروردگار لاءِ آهن ڌيئرون ۽ توهان جي لاءِ پٽ؟ (يعني توهان تہ پٽ ٿا چاهيو ۽ ڌيئرن کي ڌڪاريو ٿا، پوءِ الله جي ولاءِ وري ڪيئن ٿا ڌيئرون ٺهرايو؟)

اَمْ خَلَقْنَا الْمَلٰٓئِكَةَ اِنَاثًا وَّ هُمْ شٰهِدُوْنَ ﴿١٥٠﴾

(١٥٠) يا (پڇين تہ) اسان ملائڪن کي ماديون ڪري خلقيو آهي ڇا؟ توهان (ائين) ڏٺو آهي ڇا؟

| | |
|---|---|
| أَلَآ إِنَّهُم مِّنْ إِفْكِهِمْ لَيَقُولُونَ ﴿١٥١﴾ | (١٥١) ڏس هو يقيناً هترادو ڪوڙ ناهي رهيا آهن (ته) |
| وَلَدَ ٱللَّهُ وَإِنَّهُمْ لَكَٰذِبُونَ ﴿١٥٢﴾ | (١٥٢) الله تعاليٰ ٻار ڄڻيا آهن. يقيناً هو بلڪل ڪوڙا آهن. |
| أَصْطَفَى ٱلْبَنَاتِ عَلَى ٱلْبَنِينَ ﴿١٥٣﴾ | (١٥٣) ڇا هن پٽن کان ڌيئرن کي وڌيڪ پسند ڪيو آهي؟ |
| مَا لَكُمْ كَيْفَ تَحْكُمُونَ ﴿١٥٤﴾ | (١٥٤) توهان (منڪرن) کي ڇا ٿي ويو آهي؟ ڪيئن ٿا اهڙي (غلط) راءِ ڏيو؟ |
| أَفَلَا تَذَكَّرُونَ ﴿١٥٥﴾ | (١٥٥) پوءِ توهان سمجهندؤ يا نه؟ |
| أَمْ لَكُمْ سُلْطَٰنٌ مُّبِينٌ ﴿١٥٦﴾ | (١٥٦) يا توهان وٽ ڪا چٽي سند يا دليل به آهي؟ |
| فَأْتُوا بِكِتَٰبِكُمْ إِن كُنتُمْ صَٰدِقِينَ ﴿١٥٧﴾ | (١٥٧) جيڪڏهن توهان سچا آهيو (۽ ڪا سند اٿوَ) ته پلا آڻيو پنهنجو ڪتاب (هنن وٽ ڪا سند يا دليل ته هوئي ڪونه!) |
| وَجَعَلُوا بَيْنَهُۥ وَبَيْنَ ٱلْجِنَّةِ نَسَبًا ۚ وَلَقَدْ عَلِمَتِ ٱلْجِنَّةُ إِنَّهُمْ لَمُحْضَرُونَ ﴿١٥٨﴾ | (١٥٨) ۽ انهن (منڪرن) الله ۽ جنن جي وچ ۾ مائٽي ٺهرائي آهي (يعني چون ٿا ته جن الله تعاليٰ جا مائٽ آهن) پر حقيقت هي آهي ته جنن کي معلوم آهي ته، هو يقيناً (خدا جي اڳيان پيشي لاءِ) حاضر ڪيا ويندا. |
| سُبْحَٰنَ ٱللَّهِ عَمَّا يَصِفُونَ ﴿١٥٩﴾ | (١٥٩) وڏو شان آهي الله جو هو پاڪ آهي انهن ڳالهين کان جيڪي اهي منڪر ساڻس لڳائين ٿا. |
| إِلَّا عِبَادَ ٱللَّهِ ٱلْمُخْلَصِينَ ﴿١٦٠﴾ | (١٦٠) پر الله جا سچا ٻانها (ائين ڪونه ٿا ڪن). |
| فَإِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُونَ ﴿١٦١﴾ | (١٦١) سو يقين آهي ته اوهين (اهي سڀ) جن جي عبادت ڪريو ٿا. |
| مَآ أَنتُمْ عَلَيْهِ بِفَٰتِنِينَ ﴿١٦٢﴾ | (١٦٢) ڪنهن کي به اوهين الله جي باري ۾ گمراهه ڪري نه ٿا سگهو. |
| إِلَّا مَنْ هُوَ صَالِ ٱلْجَحِيمِ ﴿١٦٣﴾ | (١٦٣) سواءِ انهيءَ جي جو (پاڻ گمراهه ٿي) ٻرندڙ باهه ۾ پوڻ وارو آهي. |
| وَمَا مِنَّآ إِلَّا لَهُۥ مَقَامٌ مَّعْلُومٌ ﴿١٦٤﴾ | (١٦٤) (صفن ۾ بيٺل مؤمن يا ملائڪ چون ٿا ته) اسان مان هرهڪ لاءِ بيهڻ جي جاءِ مقرر آهي. |
| وَإِنَّا لَنَحْنُ ٱلصَّآفُّونَ ﴿١٦٥﴾ | (١٦٥) ۽ اسان (فرض ادائين لاءِ هڪ ٿي) صفن ۾ بيٺا آهيون. |
| وَإِنَّا لَنَحْنُ ٱلْمُسَبِّحُونَ ﴿١٦٦﴾ | (١٦٦) ۽ يقيناً اسان (خدا جي راهه ۾) جهاد ڪندڙ آهيون. |
| وَإِن كَانُوا لَيَقُولُونَ ﴿١٦٧﴾ | (١٦٧) ۽ (هنن منڪرن ۾) ڪي اهڙا هئا جيڪي چوندا هئا ته، |
| لَوْ أَنَّ عِندَنَا ذِكْرًا مِّنَ ٱلْأَوَّلِينَ ﴿١٦٨﴾ | (١٦٨) جيڪڏهن اسان وٽ اڳين ماڻهن جو ڪو پيغام ڇڏيل هجي ها. |
| لَكُنَّا عِبَادَ ٱللَّهِ ٱلْمُخْلَصِينَ ﴿١٦٩﴾ | (١٦٩) ته پوءِ سچ پچ اسان خدا جا سچا ٻانها ٿيون ها. |
| فَكَفَرُوا بِهِۦ فَسَوْفَ يَعْلَمُونَ ﴿١٧٠﴾ | (١٧٠) پر هاڻي (جڏهن وٽن قرآن اچي ويو آهي تڏهن) ان کي نٿا مڃين. پر جلد ئي معلوم ڪندا (ته نه مڃڻ جو نتيجو ڇا ٿو ٿئي). |

| | |
|---|---|
| وَ لَقَدْ سَبَقَتْ كَلِمَتُنَا لِعِبَادِنَا الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٧١﴾ | (١٧١) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان جو قول اسان جي موڪليل ٻانهن ڪي اڳ ئي پهچي چڪو آهي تہ |
| اِنَّهُمْ لَهُمُ الْمَنْصُوْرُوْنَ ﴿١٧٢﴾ | (١٧٢) يقيناً سندن مدد ڪئي ويندي. |
| وَ اِنَّ جُنْدَنَا لَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿١٧٣﴾ | (١٧٣) ۽ يقيناً اسان جو لشڪر غالب پوندو. |
| فَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿١٧٤﴾ | (١٧٤) تنهن ڪري (اي پيغمبر!) ڪجهہ وقت انهن ماڻهن کان منهن ڦيرائي ڇڏ. (يعني ڪين ڇڏي ڏي). |
| وَّ اَبْصِرْهُمْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧٥﴾ | (١٧٥) ۽ انهن کي ڏسندو رهہ (تہ ڪهڙي تي حالت ٿئين) هو بہ جلد ئي ڏسندا (تہ اسان تون غالب ۽ ڪامياب رهندين). |
| اَفَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿١٧٦﴾ | (١٧٦) پوءِ ڇا هنن (سچ پچ) اسان جي عذاب جي اچڻ لاءِ تڪڙ لائي ڏني آهي؟ (هو چوندا هئا تہ تي عذاب ڪونہ ايندو ۽ جيڪڏهن اچڻو آهي تہ ڀلا هڪدم اچي.) |
| فَاِذَا نَزَلَ بِسَاحَتِهِمْ فَسَآءَ صَبَاحُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿١٧٧﴾ | (١٧٧) پر جڏهن اهو عذاب سندن اڱيان اچي نازل ٿيندو تڏهن انهن جو صبح ڪهڙو نہ خراب ٿيندو جن کي خبردار بہ ڪيو ويو هو (پر ڌيان ئي ڪونہ ڏنائون ۽ پنهنجا عمل نہ سڌاريائون). |
| وَ تَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿١٧٨﴾ | (١٧٨) سو (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کان منهن ڦيرائي ڇڏ. |
| وَّ اَبْصِرْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧٩﴾ | (١٧٩) ۽ ڏسندو رهہ (تہ سندن حالت ڪهڙي تي ٿئي) هو بہ جلد ڏسندا (تہ تون ڪامياب ٿيندين). |
| سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿١٨٠﴾ | (١٨٠) تنهن جو پروردگار وڏي شان وارو آهي ۽ وڏي طاقت ۽ عزت جو مالڪ آهي، هو پاڪ آهي انهن سڀني ڳالهين کان جي اهي ڪافر هن جي متعلق چون ٿا. |
| وَ سَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٨١﴾ | (١٨١) ۽ سڀني رسولن تي سلام هجي. |
| وَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٨٢﴾ | (١٨٢) ۽ سڀ ساراهہ انهيءَ الله جي لاءِ آهي جو سڀ جهان جو پروردگار آهي. |

**سورة ص۔ مکي**

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. |

**رڪوع 1**

**مڪي جي ڪافرن جي مخالفت ۽ انڪار**

| | |
|---|---|
| صٓ وَالْقُرْاٰنِ ذِي الذِّكْرِ ﴿١﴾ | (١) صاد- قرآن مجيد تي غور ڪيو جنهن ۾ (الله جو پيغام آهي ۽ جنهن ۾ اعليٰ) نصيحت آهي. |

بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ عِزَّةٍ وَّ شِقَاقٍ ﴿۲﴾

(٢) حقيقت هي آهي ته جيڪي ماڻهو (قرآن جي مڃڻ کان) انڪار ڪن ٿا.

كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ فَنَادَوْا وَّ لَاتَ حِيْنَ مَنَاصٍ ﴿۳﴾

(٣) (هنن منڪرن هيءَ ڳالهه وساري ڇڏي آهي ته) ڪانئن اڳي اسان ڪيتريون ئي پيڙهيون (سندن بدعملن جي ڪري) برباد ڪري ڇڏيون. پوءِ هو دانهون ڪرڻ لڳا جڏهن (عذاب ۽ بربادي‌ءَ کان) بچڻ جو وقت گذري ويو.

وَعَجِبُوْٓا اَنْ جَآءَهُمْ مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ ۫ وَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا سٰحِرٌ كَذَّابٌ ﴿۴﴾

(٤) ۽ هي (مڪي جا منڪر) عجب ٿا ڪائين ته اسان مان ئي اسان ڏي هڪڙو خبردار ڪندڙ (پيغمبر) ڇو آيو آهي. ۽ اهي ڪافر چون ٿا ته هي (پيغمبر ﷺ) جادوگر آهي، ۽ ڪوڙ ڳالهائي چوي ٿو (ته مان پيغمبر آهيان).

اَجَعَلَ الْاٰلِهَةَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚ اِنَّ هٰذَا لَشَيْءٌ عُجَابٌ ﴿۵﴾

(٥) (۽ منڪر چون ٿا ته) ڇا هن (پيغمبر) گهڻن معبودن ديوتائن کي گڏي هڪ خدا ڪٽي بڻايو آهي. يقيناً هيءَ وڏي عجب جهڙي ڳالهه آهي.

وَانْطَلَقَ الْمَلَاُ مِنْهُمْ اَنِ امْشُوْا وَاصْبِرُوْا عَلٰٓى اٰلِهَتِكُمْ ۚ اِنَّ هٰذَا لَشَيْءٌ يُّرَادُ ﴿۶﴾

(٦) هنن منڪرن ۾ جيڪي سردار هئا سي (اسلام بابت بحث ڪندي ڪاوڙجي) اٿي هليا (۽ وڃڻ وقت ماڻهن کي چيائون ته) توهان به هليا وڃو. ۽ پنهنجي ديوتائن (جي پوڄا ڪرڻ) تي ثابت قدم رهو. يقين رکو ته هيءَ ڳالهه (ڪنهن مطلب لاءِ اوهان جي خلاف) سٽي ويئي آهي. (۽ چيائون ته).

مَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِي الْمِلَّةِ الْاٰخِرَةِ ۚ اِنْ هٰذَآ اِلَّا اخْتِلَاقٌ ﴿۷﴾

(٧) اسان اڳوڻي قوم يا پيڙهي‌ءَ ۾ اهڙي ڳالهه ڪڏهن به نه ٻڌي. اها ڪجهه به ناهي. رڳو هٿرادو ناهيل ڳالهه آهي.

ءَاُنْزِلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ مِنْ بَيْنِنَا ؕ بَلْ هُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ ذِكْرِيْ ۚ بَلْ لَّمَّا يَذُوْقُوْا عَذَابِ ﴿۸﴾

(٨) ڇا اسان سڀني مان اڃا هن (يتيم بي پهچ مسڪين) تي وحي نازل ٿيو آهي؟ حقيقت هيءَ آهي ته هنن کي منهنجي وحي بابت ئي شڪ آهي (هو سمجهن ٿا ته خدا وحي موڪليندو ئي ڪونهي، ان ڪان سواءِ هنن کي قرآن جي تعليم پسند به نٿي اچي) هيئن به آهي ته هنن اڃا منهنجي عذاب جو ذائقو نه چکيو آهي، (جڏهن عذاب ايندن تڏهن اکيون سندن کلنديون.)

اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَحْمَةِ رَبِّكَ الْعَزِيْزِ الْوَهَّابِ ﴿۹﴾

(٩) (هي سردار جو هيترو هٺ ۽ وڏائي ٿا ڪن سو اي پيغمبر!) هيئن آهي ڇا ته، وٽن تنهنجي انهي‌ءَ پروردگار جي رحمت جا خزانا پيل آهن جو وڏي طاقت، غلبي وارو آهي ۽ وڏو فياض آهي ۽ بي حساب نعمتون عطا ڪندڙ آهي؟

اَمْ لَهُمْ مُّلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۟ فَلْيَرْتَقُوْا فِي الْاَسْبَابِ ﴿۱۰﴾

(١٠) يا يا هيئن آهي ڇا ته هنن کي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي ۽ جيڪي به انهن جي وچ ۾ آهي (تنهن جي به ڪين بادشاهي آهي) جيڪڏهن ائين آهي ته رسن يا ڏاڪڻين سان مٿي ته چڙهن. (۽ الله جي وحي کي روڪين ۽ مؤمنن کي غالب ٿيڻ نه ڏين. اٽلندو جلد هو پاڻ مغلوب ٿيندا.)

جُنۡدٌ مَّا هُنَالِكَ مَهۡزُوۡمٌ مِّنَ الۡاَحۡزَابِ ۝١١

(١١) هي (مڪي جو گروهه بہ اڳوڻن ڪافرن جي) لشڪرن وانگر هڪڙو لشڪر آهي، جنهن کي هتي (شڪست ڏيئي) ڀڄايو ويندو.

كَذَّبَتۡ قَبۡلَهُمۡ قَوۡمُ نُوۡحٍ وَّ عَادٌ وَّ فِرۡعَوۡنُ ذُو الۡاَوۡتَادِ ۙ۝١٢

(١٢) انهن کان اڳ ۾ حضرت نوح جي قوم، عاد جي قوم ۽ ڪِلن واري فرعون (پيغمبرن کي) ڪوڙو ٺهرايو ۽ ڪين نہ مڃيو، (تہ تباهہ ٿي ويا.)

وَ ثَمُوۡدُ وَ قَوۡمُ لُوۡطٍ وَّ اَصۡحٰبُ لۡـَٔیۡكَةِ ؕ اُولٰٓئِكَ الۡاَحۡزَابُ ۝١٣

(١٣) ۽ ثمود جي قوم ۽ حضرت لوط جي قوم ۽ ٻيلي جا ماڻهو بہ (اهڙائي) لشڪر هئا (جن نہ مڃيو تنهن ڪري منهنجي سزا جا حقدار ٿيا.)

اِنۡ كُلٌّ اِلَّا كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ عِقَابِ ۝١٤

(١٤) انهن مان هرهڪ رسولن کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ نہ مڃيو تنهن ڪري منهنجي سزا جا حقدار ٿيا.

## رڪوع 2

**حضرت دائود جو احوال ۽ ڪيس حق ۽ انصاف سان فيصلا ڪرڻ جي تلقين.**

وَ مَا یَنۡظُرُ هٰۤؤُلَآءِ اِلَّا صَیۡحَةً وَّاحِدَةً مَّا لَهَا مِنۡ فَوَاقٍ ۝١٥

(١٥) ۽ (اي پيغمبر!) اهي (منڪر) انهيءَ گهڙيءَ جو انتظار ڪيون وينا آهن جڏهن هڪ (دهشتناڪ) آواز ٿيندو (۽ هو فنا ٿي ويندا) جنهن آواز ۾ هڪ پل جو ناغو بہ ڪونہ پوندو.

وَ قَالُوۡا رَبَّنَا عَجِّلۡ لَّنَا قِطَّنَا قَبۡلَ یَوۡمِ الۡحِسَابِ ۝١٦

(١٦) اهي (مسخريءَ طور) چون ٿا تہ اي اسان جا پروردگار حساب جي ڏينهن کان اڳ ئي تڪڙو ئي تڪڙو اسان جي لاءِ اهو عذاب آڻ جو اسان جي حصي ۾ اچڻو آهي.

اِصۡبِرۡ عَلٰی مَا یَقُوۡلُوۡنَ وَ اذۡكُرۡ عَبۡدَنَا دَاوٗدَ ذَا الۡاَیۡدِ ۚ اِنَّهٗۤ اَوَّابٌ ۝١٧

(١٧) سو (اي پيغمبر!) جيڪي هو چون ٿا سو صبر سان برداشت ڪر ۽ اسان جي ٻانهي حضرت دائود جو قصو ياد رک جيڪو وڏي طاقت وارو هوندو هو. هو هر وقت ۽ هر حال ۾ (الله ڏي) رجوع ڪندڙ هو (يعني هر ڪم ۾ الله جي حڪمن تي هلندڙ هو.)

اِنَّا سَخَّرۡنَا الۡجِبَالَ مَعَهٗ یُسَبِّحۡنَ بِالۡعَشِیِّ وَ الۡاِشۡرَاقِ ۙ۝١٨

(١٨) بيشڪ اسان جبل بہ (حضرت دائود کي) تابع ڪري ڏنا. جي ساڻس گڏ صبح شام خدا جو شان ۽ پاڪائي بيان ڪندا هئا.

وَ الطَّیۡرَ مَحۡشُوۡرَةً ؕ كُلٌّ لَّهٗۤ اَوَّابٌ ۝١٩

(١٩) ۽ پکي بہ گڏ ڪيا ويندا هئا سڀ هن ڏي رجوع ڪندڙ هيا، (يعني حضرت دائود جي ڪم ايندا هئا).

وَ شَدَدۡنَا مُلۡكَهٗ وَ اٰتَیۡنٰهُ الۡحِكۡمَةَ وَ فَصۡلَ الۡخِطَابِ ۝٢٠

(٢٠) ۽ اسان سندس سلطنت کي مضبوط ڪيو. ۽ ڪيس عقل ۽ دانائي ڏني ۽ تقرير ڪرڻ جي اهڙي قابليت ڏني جو اها (تقري) پورو فيصلو ڪندڙ هئي ۽ پوري چٽائي ڪندڙ هئي.

وَ هَلۡ اَتٰىكَ نَبَؤُا الۡخَصۡمِ ۘ اِذۡ تَسَوَّرُوا الۡمِحۡرَابَ ۙ۝٢١

(٢١) ۽ (اي پيغمبر!) تو ڪڏهن انهن دعوا ڪندڙن جو قصو ٻڌو آهي جيڪي (حضرت دائود جي) خانگي ڪمري ۾ پٺ ٽپي لنگهي آيا هئا.

اِذْ دَخَلُوْا عَلٰى دَاوٗدَ فَفَزِعَ مِنْهُمْ قَالُوْا لَا تَخَفْ ۚ خَصْمٰنِ بَغٰى بَعْضُنَا عَلٰى بَعْضٍ فَاحْكُمْ بَيْنَنَا بِالْحَقِّ وَلَا تُشْطِطْ وَاهْدِنَآ اِلٰى سَوَآءِ الصِّرَاطِ ﴿٢٢﴾

(٢٢) جڏهن هو اندر گهڙي حضرت دائود وٽ (اوچتوئي اوچتو) پهچي ويا تڏهن هو هنن کان گهٻرائجي ويو. هنن کيس چيو تہ ڊڄ نہ، اسان ٻہ تکراري آهيون، اسان مان هڪڙي ٻئي تي ظلم ڪيو آهي. سو اسان جي وچ ۾ حق ۽ انصاف سان فيصلو ڪر، بي انصافي نہ ڪجانءِ ۽ اسان کي سڌي واٽ ڏيکارجانءِ.

اِنَّ هٰذَآ اَخِيْ ۟ لَهٗ تِسْعٌ وَّتِسْعُوْنَ نَعْجَةً وَّلِيَ نَعْجَةٌ وَّاحِدَةٌ ۟ فَقَالَ اَكْفِلْنِيْهَا وَعَزَّنِيْ فِي الْخِطَابِ ﴿٢٣﴾

(٢٣) (انهن مان هڪڙي چيو تہ) بيشڪ هي منهنجو ڀاءُ آهي. هن کي نوانوي دنبيون آهن ۽ مون کي فقط هڪڙي دنبي آهي. تڏهن بہ هو چوي ٿو تہ اها بہ منهنجي حوالي ڪري ڇڏ ۽ گفتگو ۾ هو مون کي دٻائي ٿو.

قَالَ لَقَدْ ظَلَمَكَ بِسُؤَالِ نَعْجَتِكَ اِلٰى نِعَاجِهٖ ۭ وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْخُلَطَآءِ لَيَبْغِيْ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَقَلِيْلٌ مَّا هُمْ ۭ وَظَنَّ دَاوٗدُ اَنَّمَا فَتَنّٰهُ فَاسْتَغْفَرَ رَبَّهٗ وَخَرَّ رَاكِعًا وَّاَنَابَ ﴿٢٤﴾ السجدة

(٢٤) (حضرت دائود کيس) چيو تہ يقيناً هو ظلم ڪري رهيو آهي، جو تنهنجي هڪڙي دنبي پنهنجين دنبن سان ملائڻ جي گهر ڪري رهيو آهي. ۽ يقيناً گهڻائي ڀائيوار اهڙا هوندا آهن جو هڪ ٻئي سان بي انصافي ڪندا آهن (۽ ٻئي جو حق ڪائي ويندا آهن) سواءِ انهن جي، جيڪي ايمان وارا آهن ۽ صالح عمل ڪندڙ آهن، پر اهڙا بلڪل ٿورا آهن ۽ حضرت دائود ڀانيو تہ اسان سندس آزمائش ٿي ورتي، سو هن پنهنجي پروردگار کان معافي گهري ۽ رکوع ۾ جهڪي پيو ۽ خدا جي طرف رجوع ڪيائين.

فَغَفَرْنَا لَهٗ ذٰلِكَ ۭ وَاِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَحُسْنَ مَاٰبٍ ﴿٢٥﴾

(٢٥) (الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ) پوءِ اسان هن کي اها خطا معاف ڪري ڇڏي، ۽ بيشڪ هن کي اسان وٽ ويجهڙائي جو درجو حاصل آهي ۽ (آخرت ۾) سهڻي جاءِ تي موٽي اچڻو آهي.

يٰدَاوٗدُ اِنَّا جَعَلْنٰكَ خَلِيْفَةً فِي الْاَرْضِ فَاحْكُمْ بَيْنَ النَّاسِ بِالْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعِ الْهَوٰى فَيُضِلَّكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۭ اِنَّ الَّذِيْنَ يَضِلُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا نَسُوْا يَوْمَ الْحِسَابِ ﴿٢٦﴾

(٢٦) اي دائود اسان توکي زمين تي بادشاهي ڏني آهي، سو ماڻهن جي وچ ۾ حق ۽ انصاف سان فيصلا ڪندو ڪر ۽ (پنهنجي دل جي) خواهش تي نہ لڳجانءِ. جو اهي خواهشون توکي الله جي واٽ کان ڀڙڪائي هٽائي ڇڏينديون. يقين آهي جيڪي خدا جي واٽ کان هٽي ٿا وڃن تن جي لاءِ سخت ۾ سخت عذاب آهي، جو هنن حساب وارو ڏينهن وساري ڇڏيو آهي.

## رکوع 3

**آسمان ۽ زمين ڪنهن مقصد لاءِ خلقيا ويا آهن، حضرت سليمان جو ذڪر.**

وَمَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا بَاطِلًا ۭ ذٰلِكَ ظَنُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنَ النَّارِ ﴿٢٧﴾

(٢٧) (الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ) اسان آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تن کي بنا مقصد جي ڪونہ خلقيو آهي. اهو خيال (تہ دنيا رڳو کيل تماشو آهي) انهن ماڻهن جو خيال آهي جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي. سو جن ماڻهن ڪفر (يعني بدڪمن) جي واٽ ورتي آهي تن جي لاءِ وڏي مصيبت آهي، جو هو باهہ ۾ سڙندا.

| | |
|---|---|
| اَمْ نَجْعَلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَالْمُفْسِدِيْنَ فِي الْاَرْضِ ۡ اَمْ نَجْعَلُ الْمُتَّقِيْنَ كَالْفُجَّارِ ﴿٢٨﴾ | (٢٨) يا (هيئن آهي چا تہ) اسان ايمان آڻيندڙن ۽ صالح عمل ڪندڙن کي انهن جهڙو ڪري ڏسنداسين، جيڪي ملڪ ۾ (سڌاري بدران) بگاڙو ڪندڙ آهن؟ يا پرهيزگارن ۽ نيڪيون ڪندڙن کي حق کان هٽندڙ بدڪارن جهڙو ڪنداسين چا؟ |
| كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ مُبٰرَكٌ لِّيَدَّبَّرُوْٓا اٰيٰتِهٖ وَلِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٢٩﴾ | (٢٩) هي (قرآن) برڪتن سان ڀريل اسان توتي (اي پيغمبر) هن لاءِ نازل ڪيو آهي تہ ماڻهو ان جي آيتن (۾ ڏنل ڳالهين ۽ حڪمن) تي غور ۽ فڪر ڪن ۽ سمجهہ وارا ماڻهو نصيحت حاصل ڪن. |
| وَوَهَبْنَا لِدَاوٗدَ سُلَيْمٰنَ ؕ نِعْمَ الْعَبْدُ ؕ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ؕ﴿٣٠﴾ | (٣٠) ۽ اسان حضرت دائود کي حضرت سليمان (پٽ) عطا ڪيو. هو (يعني حضرت سليمان) ڪهڙو نہ چڱو ٻانهو (خدا جو) هو. هو يقيناً (هر حالت ۾) الله تعاليٰ (جي حڪمن) ڏي رجوع ٿيندڙ هو. |
| اِذْ عُرِضَ عَلَيْهِ بِالْعَشِيِّ الصّٰفِنٰتُ الْجِيَادُ ۙ﴿٣١﴾ | (٣١) ڏسو! شام جي وقت جڏهن اصيل ۽ تيز (ڀڄندڙ) گهوڙا هن جي اڳيان آندا ويا. |
| فَقَالَ اِنِّيْٓ اَحْبَبْتُ حُبَّ الْخَيْرِ عَنْ ذِكْرِ رَبِّيْ ۚ حَتّٰى تَوَارَتْ بِالْحِجَابِ ﴿٣٢﴾ وقفة | (٣٢) تڏهن هن چيو تہ مان جو دولت (۽ گهوڙن) سان حب ٿو رکان سو خدا جي يادگيريءَ جي ڪري (۽ سندس حڪمن جي تعميل جي نيت سان گهوڙن کي نظر مان ڪيندو رهيو) تان جو سج پردي پٺيان لڪي ويو. (يعني سج لهي ويو.) |
| رُدُّوْهَا عَلَيَّ ؕ فَطَفِقَ مَسْحًۢا بِالسُّوْقِ وَالْاَعْنَاقِ ﴿٣٣﴾ | (٣٣) (سج لهي وڃڻ بعد چيائين تہ انهن گهوڙن کي) وري بہ موٽائي مون ڏي آڻيو (ماڻهن گهوڙا موٽائي آندا ۽) هو سندس ٽنگن ۽ ڳچين تي (پيار جو) هٿ گهمائڻ لڳو. |
| وَلَقَدْ فَتَنَّا سُلَيْمٰنَ وَاَلْقَيْنَا عَلٰى كُرْسِيِّهٖ جَسَدًا ثُمَّ اَنَابَ ﴿٣٤﴾ | (٣٤) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان حضرت سليمان جي آزمائش ورتي ۽ سندس تخت تي هڪڙو بي جان بوتو ويهاريوسين، پر (تڏهن بہ) هو خدا ڏي رجوع ٿيندو رهيو (۽ چڱا ڪم ڪندو رهيو.) |
| قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَهَبْ لِيْ مُلْكًا لَّا يَنْۢبَغِيْ لِاَحَدٍ مِّنْۢ بَعْدِيْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ﴿٣٥﴾ | (٣٥) حضرت سليمان دعا گهري تہ اي منهنجا پروردگار! مون کي (هر قسم جي خطرن کان) پناهہ ۾ رک ۽ اهڙي حڪومت عطا ڪر جهڙي مون کان پوءِ ڪنهن کي بہ نہ سونهي. بيشڪ تون وڏيون نعمتون بخشيندڙ آهين. |
| فَسَخَّرْنَا لَهُ الرِّيْحَ تَجْرِيْ بِاَمْرِهٖ رُخَآءً حَيْثُ اَصَابَ ۙ﴿٣٦﴾ | (٣٦) پوءِ اسان هوا کي هن جي تابع ڪيو جا سندس حڪم موجب جاڏي چاهيندو هو تاڏي لڳندي هئي (جهان کي هلائيندي هئي). |
| وَالشَّيٰطِيْنَ كُلَّ بَنَّآءٍ وَّغَوَّاصٍ ۙ﴿٣٧﴾ | (٣٧) ۽ شيطان کي بہ (يعني سرڪش جنن جون ٽوليون بہ اسان هن کي تابع ڪري ڏنيون) جيڪي (هن جي لاءِ) عمارتون ٺاهينديون هيون ۽ (موتين وغيره ڪڍڻ لاءِ يا مڇين مارڻ لاءِ) سمنڊ ۾ ٽٻيون هڻنديون هيون. |

وَّاٰخَرِيۡنَ مُقَرَّنِيۡنَ فِى الۡاَصۡفَادِ ﴿۳۸﴾

(۳۸) ۽ ڪين ڪي ٻيا جن (بہ تابع ڪري ڏناسون) جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندا هئا.

هٰذَا عَطَآؤُنَا فَامۡنُنۡ اَوۡ اَمۡسِكۡ بِغَيۡرِ حِسَابٍ ﴿۳۹﴾

(۳۹) (اي سليمان!) هي (توتي) اسان جي بخشش آهي. پوءِ (اها دولت وغيره ٻين کي) احسان طور ڏيئي ڇڏين يا ٻي حساب دولت گڏ ڪري پاڻ وٽ (خدائي ڪمن لاءِ) رکين (تہ تنهنجي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي.).

وَاِنَّ لَهٗ عِنۡدَنَا لَزُلۡفٰى وَحُسۡنَ مَاٰبٍ ﴿۴۰﴾

(۴۰) ۽ يقيناً هن کي اسان وٽ ويجهڙائي جو وڏو درجو مليل هو. ۽ (آخرت ۾ بہ هن جي لاءِ) سهڻي جاءِ (تيار رکيل) آهي. (جتي هو موٽي اچي رهندو.)

### رکوع 4

**حضرت ايوب جو ذڪر، قيامت بعد نيڪن ۽ بدڪارن جون مختلف حالتون.**

وَاذۡكُرۡ عَبۡدَنَاۤ اَيُّوۡبَ ۘ اِذۡ نَادٰى رَبَّهٗۤ اَنِّىۡ مَسَّنِىَ الشَّيۡطٰنُ بِنُصۡبٍ وَّعَذَابٍ ﴿۴۱﴾

(۴۱) ۽ (اي پيغمبر!) اسان جي ٻانهي حضرت ايوب جو قصو ياد رک. جنهن پنهنجي پروردگار کي پڪاري چيو تہ شيطان مون کي رنج ۽ تڪليف پهچائي آهي.

اُرۡكُضۡ بِرِجۡلِكَ ۚ هٰذَا مُغۡتَسَلٌۢ بَارِدٌ وَّشَرَابٌ ﴿۴۲﴾

(۴۲) (الله تعاليٰ کيس فرمايو تہ) پنهنجي پير (زمين تي) هڻ (ائين ڪيائين تہ پاڻي ظاهر ٿي پيو ۽ الله تعاليٰ کيس فرمايو تہ) هي اٿئي وهنجڻ جو پاڻي جيڪو ٿڌو ۽ صحت بخش آهي ۽ پيئڻ لاءِ بہ چڱو آهي. (سڀ بيماريون لهي ويس).

وَوَهَبۡنَا لَهٗۤ اَهۡلَهٗ وَمِثۡلَهُمۡ مَّعَهُمۡ رَحۡمَةً مِّنَّا وَذِكۡرٰى لِاُولِى الۡاَلۡبَابِ ﴿۴۳﴾

(۴۳) ۽ (هن جا ٻار ٻچا ۽ مٽ مائٽ مري ويا هئا پر هاڻي وري) اسان هن کي ٻار ٻچا ۽ ڪٽنب عطا ڪيو، بلڪ ٻيڻو عطا ڪيو. اها هئي اسان وٽان (هن جي لاءِ) رحمت ۽ سمجهہ وارن لاءِ (انهيءَ واقعي ۾) وڏي نصيحت آهي.

وَخُذۡ بِيَدِكَ ضِغۡثًا فَاضۡرِبۡ بِّهٖ وَلَا تَحۡنَثۡ ؕ اِنَّا وَجَدۡنٰهُ صَابِرًا ؕ نِعۡمَ الۡعَبۡدُ ؕ اِنَّهٗۤ اَوَّابٌ ﴿۴۴﴾

(۴۴) (ٻانئجي ٿو تہ بيماريءَ جي حالت ۾ حضرت ايوب پنهنجي گهرواريءَ کي چيو هو تہ توکي مار ڏيندس، سو هاڻي الله تعاليٰ سندس چوڻ پورو ڪري ڏيکارڻ لاءِ کيس فرمايو تہ) پنهنجي هٿ ۾ ڪجهہ گاهہ ڪڻ ۽ ان سان (آهستي) ڏک هڻ ۽ (پنهنجو) واعدو نہ ٽيج. بيشڪ اسان کيس صابر ۽ ثابت قدم ڏٺو. هو ڪهڙو نہ چڱو ٻانهو هو. يقيناً هو هر حالت ۾ (الله جي حڪمن ڏي) رجوع ڪندڙ هو (يعني الله جي حڪمن جي تعميل ڪندو هو).

وَاذۡكُرۡ عِبٰدَنَاۤ اِبۡرٰهِيۡمَ وَاِسۡحٰقَ وَيَعۡقُوۡبَ اُولِى الۡاَيۡدِىۡ وَالۡاَبۡصَارِ ﴿۴۵﴾

(۴۵) ۽ (اي پيغمبر!) اسان جي ٻانهن حضرت ابراهيم، حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب جو قصو بہ ياد رک، جيڪي سڀ وڏي طاقت وارا ۽ وڏي عقل وارا هئا.

إِنَّآ أَخْلَصْنٰهُم بِخَالِصَةٍ ذِكْرَى الدَّارِ ﴿٤٦﴾

(٤٦) بيشڪ اسان هنن کي خاص طرح هن لاءِ چونڊيو (۽ نبي ڪري موڪليو) ته (ماڻهن کي) آخرت جي گهر متعلق پيغام پهچائين (۽ هيءَ حقيقت سمجهائين ته نيڪ ڪمن جو نيڪ بدلو ۽ بد ڪمن لاءِ عذاب آخر ضرور ملڻو آهي.

وَإِنَّهُمْ عِندَنَا لَمِنَ الْمُصْطَفَيْنَ الْأَخْيَارِ ﴿٤٧﴾

(٤٧) ۽ بيشڪ اُهي (پيغمبر) اسان جي نظر ۾ انهن منجهان آهن، جن کي اسان چونڊي ڪنيو ۽ نيڪ هئا.

وَاذْكُرْ إِسْمٰعِيلَ وَالْيَسَعَ وَذَا الْكِفْلِ ۖ وَكُلٌّ مِّنَ الْأَخْيَارِ ﴿٤٨﴾

(٤٨) ۽ حضرت اسماعيل، حضرت يسع ۽ حضرت ذا الڪفل جا قصا به ياد رک اهي سڀئي به نيڪن مان هئا.

هٰذَا ذِكْرٌ ۚ وَإِنَّ لِلْمُتَّقِينَ لَحُسْنَ مَآبٍ ﴿٤٩﴾

(٤٩) اهو (يعني نيڪن جو بيان ياد رکڻ ۽ ٻڌائڻ) وڏي نصيحت ۽ عبرت جو سامان آهي. ۽ يقيناً پرهيزگار ۽ نيڪ ماڻهن جي لاءِ سهڻي جاءِ (تيار رکيل) آهي (جنهن ۾ هو موٽي اچي رهندا.)

جَنّٰتِ عَدْنٍ مُّفَتَّحَةً لَّهُمُ الْأَبْوَابُ ﴿٥٠﴾

(٥٠) (اهي سهڻيون جايون آهن) دائمي باغ جن جا دروازا هنن جنتين لاءِ هميشه کليل هوندا.

مُتَّكِـِٔينَ فِيهَا يَدْعُونَ فِيهَا بِفَاكِهَةٍ كَثِيرَةٍ وَشَرَابٍ ﴿٥١﴾

(٥١) اهي (جنتي) انهن باغن ۾ (کوچن تي) ٽيڪ ڏيئي آرام سان ويهندا، ۽ انهن ۾ هو بي انداز ميون ۽ لذيذ شربتن لاءِ طلب ڪندا (۽ سندن طلب جي تعميل هڪدم ٿيندي.)

وَعِندَهُمْ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ أَتْرَابٌ ﴿٥٢﴾

(٥٢) ۽ هنن وٽ (شرميليون) اکيون هيٺ ڪندڙ، پاڪدامن هڪ جيڏيون عورتون (سنگت ۾) هونديون.

هٰذَا مَا تُوعَدُونَ لِيَوْمِ الْحِسَابِ ﴿٥٣﴾

(٥٣) (ڪين چيو ويندو ته) هي اٿو (اهي نعمتون) جن لاءِ اوهان کي واعدو ڏنو ويو هو، ته اوهان کي حساب وٺڻ واري ڏينهن ملنديون.

إِنَّ هٰذَا لَرِزْقُنَا مَا لَهُ مِن نَّفَادٍ ﴿٥٤﴾

(٥٤) بيشڪ اها اسان جي بخشش آهي جا ڪڏهن به نه کٽندي يا گهٽ ٿيندي.

هٰذَا ۚ وَإِنَّ لِلطّٰغِينَ لَشَرَّ مَآبٍ ﴿٥٥﴾

(٥٥) اهي آهن (نعمتون يقيناً نيڪن کي نصيب ٿينديون) ۽ سرڪش (بدڪار ماڻهن) کي (دنيا مان) موٽي اچي رهڻ لاءِ نهايت ئي بڇري جاءِ ملندي.

جَهَنَّمَ يَصْلَوْنَهَا فَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿٥٦﴾

(٥٦) (يعني) ڪين جهنم ملندو جنهن ۾ هو سڙندا. پوءِ اها ڪهڙي نه بڇڙي جاءِ هوندي.

هٰذَا فَلْيَذُوقُوهُ حَمِيمٌ وَغَسَّاقٌ ﴿٥٧﴾

(٥٧) (بيشڪ) اهوئي آهي (عذاب جو ڪين ملندو) هو پلي ته ان جو مزو چکن (هنن کي) اتي ٽهڪندڙ پاڻي ۽ وهندڙ پونءِ ملندي (جا تمام بدبودار ۽ برف جهڙي سخت ٿڌي هوندي.)

وَّاٰخَرُ مِنْ شَكْلِهٖۤ اَزْوَاجٌ ؕ﴿٥٨﴾

(٥٨) ۽ انهن عذابن سان گڏ ٻيا به اهڙا عذاب ڪين ڏنا ويندا.

هٰذَا فَوْجٌ مُّقْتَحِمٌ مَّعَكُمْ ۚ لَا مَرْحَبًۢا بِهِمْ ؕ اِنَّهُمْ صَالُوا النَّارِ ﴿٥٩﴾

(٥٩) (ڪين چيو ويندو ته، اجهو) هي هڪ ٻيو ٽولو اوهان سان گڏ (جهنم ڏانهن) ڌوڪيندو ٿو وڃي. هنن جي لاءِ مرحبا (يا ڀليڪار) ڪانهي. يقيناً هو باهه ۾ پچندا.

قَالُوْا بَلْ اَنْتُمْ ۟ لَا مَرْحَبًۢا بِكُمْ ؕ اَنْتُمْ قَدَّمْتُمُوْهُ لَنَا ۚ فَبِئْسَ الْقَرَارُ ﴿٦٠﴾

(٦٠) (اُنهي ٽولي جا ماڻهو) چوندا ته بلڪ اوهان به (باهه ۾ پچندؤ) توهان جي لاءِ به مرحبا ڪانهي. توهان ئي اسان جي لاءِ هيءَ مصيبت آندي آهي. هي دوزخ ڪهڙي نه بڇڙي رهڻ جي جاءِ آهي.

قَالُوْا رَبَّنَا مَنْ قَدَّمَ لَنَا هٰذَا فَزِدْهُ عَذَابًا ضِعْفًا فِى النَّارِ ﴿٦١﴾

(٦١) هو هيئن به چوندا ته، اي اسان جا پروردگار! جنهن به اسان جي لاءِ هيءَ مصيبت آندي آهي تنهن جو باهه ۾ (سڙڻ جو) عذاب وڌائي ٻيڻو ڪر.

وَقَالُوْا مَا لَنَا لَا نَرٰى رِجَالًا كُنَّا نَعُدُّهُمْ مِّنَ الْاَشْرَارِ ؕ﴿٦٢﴾

(٦٢) ۽ هو چوندا ته اسان کي ڇا ٿي پيو آهي جو اسان انهن ماڻهن کي ڪونه ٿا ڏسون، جن کي اسان شريرن ۾ شمار ڪندا هئاسين. (هئا پاڻ شرير پر سچن مؤمنن کي شرير سمجهندا هئا).

اَتَّخَذْنٰهُمْ سِخْرِيًّا اَمْ زَاغَتْ عَنْهُمُ الْاَبْصَارُ ﴿٦٣﴾

(٦٣) اسان انهن سان مسخريءَ طور اهڙي هلت ڪندا هئاسين يا اسان جون اکيون (۽ سمجهه) انهن لاءِ چنجهيون ٿي پيون هيون؟ (جو نه سمجهي سگهياسين ته هو نيڪ آهن تنهن ڪري ڪامران رهندا).

اِنَّ ذٰلِكَ لَحَقٌّ تَخَاصُمُ اَهْلِ النَّارِ ۧ﴿٦٤﴾

(٦٤) بيشڪ اهو حق ۽ انصاف آهي ته دوزخي ماڻهو هڪٻئي سان جهڳڙا ڪن (اها به هنن لاءِ سزا آهي).

### رڪوع 5

**حضرت جن خدا جو موڪليل وحي ماڻهن کي پهچائن ٿا.**

قُلْ اِنَّمَآ اَنَا مُنْذِرٌ ۖۗ وَّمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ۚ﴿٦٥﴾

(٦٥) (اي پيغمبر! تون ماڻهن کي) چؤ ته، مان ته يقيناً فقط خبردار ڪندڙ آهيان، ۽ معبود (۽ بادشاهه) فقط الله آهي جو هڪ آهي ۽ سڀني تي غالب آهي.

رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا الْعَزِيْزُ الْغَفَّارُ ﴿٦٦﴾

(٦٦) هو آسمانن ۽ زمين جو پرودگار آهي ۽ جيڪي به انهن جي وچ ۾ آهي تنهن جو به پروردگار آهي. هو وڏيءَ طاقت وارو آهي ۽ سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو ۽ وڏو بخشيندڙ ۽ پناه ڏيندڙ آهي.

قُلْ هُوَ نَبَؤٌا عَظِيْمٌ ۙ﴿٦٧﴾

(٦٧) (اي پيغمبر تون ماڻهن کي) ٻڌاءِ ته هي (قرآن الله تعاليٰ جو) عظيم پيغام آهي ۽ اعليٰ نصيحت آهي.

اَنْتُمْ عَنْهُ مُعْرِضُوْنَ ﴿٦٨﴾

(٦٨) (افسوس جو) اوهان ان کان منهن موڙيو ٿا (۽ پاڻ کي تباهه ٿا ڪيو.)

مَا كَانَ لِىَ مِنْ عِلْمٍۢ بِالْمَلَاِ الْاَعْلٰٓى اِذْ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٦٩﴾

(٦٩) مون کي انهن اعليٰ سردارن جي ڪا به خبر ناهي ته هو ڪهڙا بحث يا مشورا ٿا ڪن.

اِنۡ يُّوۡحٰۤى اِلَىَّ اِلَّاۤ اَنَّمَاۤ اَنَا نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ ۝٧٠

(٧٠) مون ڪي تہ فقط هي وحي موڪليو ويو آهي تہ مان فقط چٽو پٽو خبردار ڪندڙ آهيان.

اِذۡ قَالَ رَبُّكَ لِلۡمَلٰۤئِكَةِ اِنِّىۡ خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنۡ طِيۡنٍ ۝٧١

(٧١) (اي پيغمبر!) ياد رک تہ تنهنجي پروردگار ملائڪن کي ٻڌايو تہ مان مٽيءَ مان انسان کي پيدا ڪرڻ وارو آهيا.

فَاِذَا سَوَّيۡتُهٗ وَنَفَخۡتُ فِيۡهِ مِنۡ رُّوۡحِىۡ فَقَعُوۡا لَهٗ سٰجِدِيۡنَ ۝٧٢

(٧٢) پوءِ جڏهن مان ان کي ٺاهي مڪمل ڪيان ۽ منجهس پنهنجو روح ڦوڪيان (يعني علم ۽ عقل حاصل ڪرڻجي صلاحيت پيدا ڪيان ۽ ڪيس ارادي جي قوت ڏيان) تڏهن توهان هن جي اڳيان سجدي ۾ ڪري پئو.

فَسَجَدَ الۡمَلٰۤئِكَةُ كُلُّهُمۡ اَجۡمَعُوۡنَ ۝٧٣

(٧٣) سو سيني ملائڪن گڏجي سجدو ڪيو.

اِلَّاۤ اِبۡلِيۡسَ ؕ اِسۡتَكۡبَرَ وَكَانَ مِنَ الۡكٰفِرِيۡنَ ۝٧٤

(٧٤) پر ابليس سجدو نہ ڪيو. هن تڪبر ڪيو ۽ نافرمان ڪافر ٿيو.

قَالَ يٰۤاِبۡلِيۡسُ مَا مَنَعَكَ اَنۡ تَسۡجُدَ لِمَا خَلَقۡتُ بِيَدَىَّ ؕ اَسۡتَكۡبَرۡتَ اَمۡ كُنۡتَ مِنَ الۡعَالِيۡنَ ۝٧٥

(٧٥) الله تعاليٰ فرمايو تہ اي ابليس توکي ڪهڙيءَ ڳالهہ هن کي سجدي ڪرڻ کان روڪيو جنهن کي مون پاڻ پنهنجي هٿن سان خلقيو آهي؟ ڇا توکي هٺ وڏائي چڙهي ويئي يا تون اعليٰ مرتبي وارو آهين؟

قَالَ اَنَا خَيۡرٌ مِّنۡهُ ؕ خَلَقۡتَنِىۡ مِنۡ نَّارٍ وَّخَلَقۡتَهٗ مِنۡ طِيۡنٍ ۝٧٦

(٧٦) هن جواب ڏنو تہ مان هن کان (يعني انسان کان) بهتر آهيان. تو مون کي باهہ مان ٺاهيو آهي ۽ هن کي مٽيءَ مان ٺاهيو آهي.

قَالَ فَاخۡرُجۡ مِنۡهَا فَاِنَّكَ رَجِيۡمٌ ۝٧٧

(٧٧) الله تعاليٰ کيس حڪم ڪيو تہ (جنهن صورت ۾ تون هٺ تو ڪرين ۽ منهنجي نافرماني ڪئي اٿئي تنهن صورت ۾) هتان نڪري وڃ (يا هن حالت مان نڪري وڃ) تون (هاڻي) مردود تڙيل ۽ لعنتي آهين.

وَّاِنَّ عَلَيۡكَ لَعۡنَتِىۡۤ اِلٰى يَوۡمِ الدِّيۡنِ ۝٧٨

(٧٨) ۽ بيشڪ قيامت تائين توتي منهنجي لعنت رهندي.

قَالَ رَبِّ فَاَنۡظِرۡنِىۡۤ اِلٰى يَوۡمِ يُبۡعَثُوۡنَ ۝٧٩

(٧٩) (تنهن تي شيطان) چيو تہ اي منهنجا پروردگار! مون کي انهيءَ ڏينهن تائين مهلت ڏي، جنهن ڏينهن (مئل ماڻهو وري) جيئاري اٿاريا ويندا.

قَالَ فَاِنَّكَ مِنَ الۡمُنۡظَرِيۡنَ ۝٨٠

(٨٠) الله تعاليٰ فرمايو تہ وڃ توکي مهلت آهي.

اِلٰى يَوۡمِ الۡوَقۡتِ الۡمَعۡلُوۡمِ ۝٨١

(٨١) توکي مقرر وقت واري ڏينهن تائين يعني قيامت تائين (مهلت آهي).

قَالَ فَبِعِزَّتِكَ لَاُغۡوِيَنَّهُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ۝٨٢

(٨٢) ابليس (تنهن تي) چيو تہ قسم آهي تنهنجي عزت جو تہ مان هنن سيني ماڻهن کي گمراهہ ڪري ڇڏيندس.

اِلَّا عِبَادَكَ مِنۡهُمُ الۡمُخۡلَصِيۡنَ ۝٨٣

(٨٣) سواءِ انهن جيڪي، جي انهن مان تنهنجا سچا (فرمانبردار) ٻانها آهن.

قَالَ فَالۡحَقُّ وَالۡحَقَّ اَقُوۡلُ ۝٨٤

(٨٤) الله تعاليٰ فرمايو تہ اها ڳالهہ حق ۽ انصاف جي ڳالهہ آهي ۽ مان اهائي ڳالهہ ڪندو آهيان جا حق ۽ انصاف جي ڳالهہ هوندي آهي.

لَاَمۡلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنۡكَ وَمِمَّنۡ تَبِعَكَ مِنۡهُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿٨٥﴾

(٨٥) مان چوان ٿو ته (اي شيطان) مان توسان ۽ انهن ماڻهن مان جيڪي تنهنجي پوئٽان لڳندا تن سيني سان جهنم کي ڀري ڇڏيندس.

قُلۡ مَاۤ اَسۡـَٔلُكُمۡ عَلَيۡهِ مِنۡ اَجۡرٍ وَّمَاۤ اَنَا مِنَ الۡمُتَكَلِّفِيۡنَ ﴿٨٦﴾

(٨٦) (اي پيغمبر! ماڻهن کي) چئو ته. مان هن (وحي پهچائڻ وغيره) جي عيوض ۾ اوهان کان ڪو اجورو انعام ته ڪونه ٿو گهران (پوءِ ڇو نٿا منهنجي ڳالهه سچي سمجهو) ۽ (پڪ سمجهو ته) مان انهن منجهان نه آهيان جيڪي پنهنجا ٺاهه ٺاهيندا آهن.

اِنۡ هُوَ اِلَّا ذِكۡرٌ لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٨٧﴾

(٨٧) هي (قرآن) ٻيو ڪجهه ناهي سواءِ هن جي ته جهان جي سيني ماڻهن لاءِ (خدا جو) پيغام ۽ نصيحت آهي.

وَلَتَعۡلَمُنَّ نَبَاَهٗ بَعۡدَ حِيۡنٍ ﴿٨٨﴾

(٨٨) ۽ يقيناً توهان ڪنهن وقت کان پوءِ ان جي حقيقت معلوم ڪندؤ.

**سورة الزمر (معنيٰ: زمر ـ گروهه ـ ٽولا) مڪي**

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

**رڪوع 1**

**جيڪو ٻي شڪر ٿي ٻي راهه وٺندو سو ڪنڌ ڀر ڪرندو.**

تَنۡزِيۡلُ الۡكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الۡعَزِيۡزِ الۡحَكِيۡمِ ﴿١﴾

(١) هي ڪتاب انهيءَ الله وٽان نازل ٿيو آهي جو هر ڪا قدرت رکي ٿو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنَاۤ اِلَيۡكَ الۡكِتٰبَ بِالۡحَقِّ فَاعۡبُدِ اللّٰهَ مُخۡلِصًا لَّهُ الدِّيۡنَ ﴿٢﴾

(٢) (اي پيغمبر!) يقيناً اسان توتي هي ڪتاب حق سان نازل ڪيو آهي (۽ منجهس سچيون حقيقتون آهن ۽ سندس حڪم مفيد آهن) سو پوري پوري سچائيءَ سان ۽ پوري پوري شوق سان سندس ٻانهپ ڪندو رهه.

اَلَا لِلّٰهِ الدِّيۡنُ الۡخَالِصُ ؕ وَالَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءَ ۘ مَا نَعۡبُدُهُمۡ اِلَّا لِيُقَرِّبُوۡنَاۤ اِلَى اللّٰهِ زُلۡفٰى ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَحۡكُمُ بَيۡنَهُمۡ فِىۡ مَا هُمۡ فِيۡهِ يَخۡتَلِفُوۡنَ ۗ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهۡدِىۡ مَنۡ هُوَ كٰذِبٌ كَفَّارٌ ﴿٣﴾

(٣) ياد رکو ته. خاص ٻانهپ ۽ فرمانبرداري فقط الله جي ڪرڻ گهرجي. پر جيڪي ماڻهو الله کي ڇڏي ٻين کي پنهنجا اولياءَ يا محافظ ٺا سمجهن (سي دليل طور چوندا آهن ته) اسان فقط هن ڪري سندن بندگي ٿا ڪيون ته اهي اسان کي الله تعاليٰ جي ويجهي آڻيندا (پر اهو دليل بلڪل غلط آهي، ڇو ته الله تعاليٰ جي طاقت ٻي انت آهي هو سڀ ڪجهه پاڻ ٻڌي سگهي ٿو) يقيناً الله تعاليٰ انهن ماڻهن جي وچ ۾ سندن اختلافن بابت فيصلو ڪري ڇڏيندو. يقيناً الله تعاليٰ انهن کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) سڌي واٽ ڪونه ڏيکاريندو جيڪي ڪوڙا ۽ ناشڪر گذار آهن.

لَوۡ اَرَادَ اللّٰهُ اَنۡ يَّتَّخِذَ وَلَدًا لَّاصۡطَفٰى مِمَّا يَخۡلُقُ مَا يَشَآءُ ۙ سُبۡحٰنَهٗ ؕ هُوَ اللّٰهُ الۡوَاحِدُ الۡقَهَّارُ ﴿٤﴾

(٤) جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها ته پنهنجي مخلوق مان جنهن کي وڻيس ها تنهن کي چونڊي پنهنجو پٽ ڪري ها. پر هو ته پاڪ آهي (اهڙين ڳالهين مان) هو الله آهي، يگانو آهي ۽ غالب آهي.

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ۚ يُكَوِّرُ الَّيْلَ عَلَى النَّهَارِ وَيُكَوِّرُ النَّهَارَ عَلَى الَّيْلِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ؕ كُلٌّ يَّجْرِىْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ اَلَا هُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفَّارُ ۝٥

(٥) هن زمين ۽ آسمانن کي موزون ۽ مناسب انداز ۾ ٺاهيو آهي ( ۽ مقصدن لاءِ ٺاهيو آهي، نہ اجايو) هو رات کي ڏينهن تي ۽ ڏينهن کي رات تي لپيٽي ٿو ۽ هن سج ۽ چنڊ کي (پنهنجي قانون جي) تابع ڪري ڇڏيو آهي جو هرهڪ (ان قانون موجب) هڪ مقرر وقت تئين هلندو رهي ٿو (۽ هلندو رهندو) ياد رکو تہ هو وڏي طاقت وارو آهي ۽ وڏو بخشڻهار آهي.

خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ ثُمَّ جَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَاَنْزَلَ لَكُمْ مِّنَ الْاَنْعَامِ ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ ؕ يَخْلُقُكُمْ فِىْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ خَلْقًا مِّنْۢ بَعْدِ خَلْقٍ فِىْ ظُلُمٰتٍ ثَلٰثٍ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ ۝٦

(٦) الله تعاليٰ اوهان کي هڪ نفس مان پيدا ڪيو آهي (سعدي جي قول موجب سڀ انسان هڪ ئي جوهر مان پيدا ٿيل آهن) ۽ عورت کي بہ (مرد جي سنگت لاءِ) ساڳئي ئي جوهر مان پيدا ڪيو اٿس. ۽ اوهان جي لاءِ اٺن قسمن جا ڍڳا ڍور (نر ۽ مادا) جوڙن ۾ بنايا اٿس. هو اوهانکي اوهان جي مائرن جي پيٽن ۾ بنائي ٿو ۽ (اتي) هڪ ٻئي پٺيان اوندهن ٽن پردن جي اندر ٿو ٺاهي. اهڙو (قدرت وارو) آهي الله اوهان جو پروردگار. سڀ بادشاهي سندس آهي. ڪانئس سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود يا بادشاه ڪونهي. پوءِ توهان ڪيڏانهن (حق کان) ڦري هٽي ويا آهيو.

اِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِىٌّ عَنْكُمْ ۟ وَلَا يَرْضٰى لِعِبَادِهِ الْكُفْرَ ۚ وَاِنْ تَشْكُرُوْا يَرْضَهُ لَكُمْ ؕ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ؕ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ؕ اِنَّهُ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝٧

(٧) (ياد رکو تہ) جيڪڏهن توهان بي شڪر ٿي ڪفر جي واٽ ٺا وٺو تہ الله تعاليٰ کي توهان جي ڪابہ پرواهہ ناهي. (پر هو اهڙو رحم وارو آهي جو) پنهنجي ٻانهن جو ڪفر (۽ تباهي) ڪيس بلڪل پسند ناهي. پر جيڪڏهن توهان شڪرگذار آهيو (۽ سندس قرآن جو قدر ڪري ان تي عمل ٿا ڪيو) تہ هو اوهان کان راضي ۽ خوش ٿو ٿئي ۽ (ياد رکو تہ توهان جيڪڏهن ڪفر ڪندؤ ۽ بدعمل ڪندؤ تہ توهان جي عذاب جو بار ٻيو ڪوبہ نہ کڻندو ڇو تہ) ڪوبہ بار کڻندڙ ٻئي جو بار کڻي نٿو سگهي. (۽ ياد رکو تہ) توهان کي پنهنجي پروردگار ڏي موٽڻو آهي. پوءِ هو اوهان کي اوهان جي ئي عملن جي حقيقت ٻڌائيندو. يقيناً هو دلين ۾ لڪايل ڳالهيون بہ خوب ڄاڻي ٿو.

وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَا رَبَّهُ مُنِيْبًا اِلَيْهِ ثُمَّ اِذَا خَوَّلَهُ نِعْمَةً مِّنْهُ نَسِىَ مَا كَانَ يَدْعُوْٓا اِلَيْهِ مِنْ قَبْلُ وَجَعَلَ لِلّٰهِ اَنْدَادًا لِّيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ؕ قُلْ تَمَتَّعْ بِكُفْرِكَ قَلِيْلًا ۖ اِنَّكَ مِنْ اَصْحٰبِ النَّارِ ۝٨

(٨) ۽ جڏهن جڏهن انسان کي ڪا تڪليف ٿي پهچي تڏهن پنهنجي پروردگار ڏي رجوع ٿي ڪيس پڪاري ٿو (يعني گناهہ ڇڏي الله جي حڪمن تي هلي ٿو) پر پوءِ جڏهن الله تعاليٰ پاڻ وٽان ڪيس نعمت (۽ آسودگي) ڏئي ٿو تڏهن جنهن ڳالهہ لاءِ اڳي پڪاريو هئائين سان ڳالهہ وساري ڇڏي ٿو. (اي پيغمبر! تون اهڙي ماڻهوءَ کي) چؤ تہ ٿورو وقت پنهنجي ڪفر جو فائدو پلي وٺ. (جلد ئي عذابن ۾ پوندين) يقيناً تون دوزخي ماڻهن منجهان آهين.

اَمَّنْ هُوَ قَانِتٌ اٰنَآءَ الَّيْلِ سَاجِدًا وَّقَآئِمًا

(٩) (ٻڌايو تہ) جيڪو رات جي وقت سجدي ۽ قيام ۾ رهي شوق سان نماز

يَحۡذَرُ الۡاٰخِرَةَ وَ يَرۡجُوۡا رَحۡمَةَ رَبِّهٖ ؕ قُلۡ هَلۡ يَسۡتَوِي الَّذِيۡنَ يَعۡلَمُوۡنَ وَالَّذِيۡنَ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ؕ اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوا الۡاَلۡبَابِ ۟ ۹

پڙهي ٿو ۽ آخرت جو خيال ۽ انديشو ٿو رکي ۽ پنهنجي پروردگار جي رحمت جي اميد ٿو رکي (سو بهتر آهي يا اهو جيڪو انهن ڳالهين کان پري آهي) تون ماڻهن کان پڇ ته جيڪي ماڻهو حقيقتون ڄاڻن ٿا سي انهن جي برابر آهن ڇا جيڪي جاهل آهن. يقين ڄاڻو ته فقط اهي ئي نصيحت وٺن ٿا جيڪي سمجهه وارا آهن.

## رکوع 2

**الله جي ٻانهپ ڪرڻ ـ چڱن ڪمن ڪرڻ لاءِ ترغيب ۽ شيطان جي پنيان لڳڻ کان ترهيب.**

قُلۡ يٰعِبَادِ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوۡا رَبَّكُمۡ ؕ لِلَّذِيۡنَ اَحۡسَنُوۡا فِيۡ هٰذِهِ الدُّنۡيَا حَسَنَةٌ ؕ وَاَرۡضُ اللّٰهِ وَاسِعَةٌ ؕ اِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوۡنَ اَجۡرَهُمۡ بِغَيۡرِ حِسَابٍ ۝۱۰

(١٠) (اي پيغمبر!) چؤ ته اي (خدا جا) مؤمن بندؤ پنهنجي پروردگار (جي مافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڏجو هن دنيا ۾ جيڪي به ماڻهو نيڪ عمل کن ٿا تن جي لاءِ وڏي چڱائي ۽ اجر آهي. ۽ (ياد رکو ته) الله جي زمين ڪشادي آهي، (پنهنجي وطن ۾ چڱايون ڪري نٿا سگهو ته ٻئي پاسي هليا وڃو) جيڪي ماڻهو (حق تي ۽ نيڪ عملن تي) صبر سان ثابت قدم رهن ٿا تن کي يقيناً بي انداز اجر ۽ انعام ملندو.

قُلۡ اِنِّيۡۤ اُمِرۡتُ اَنۡ اَعۡبُدَ اللّٰهَ مُخۡلِصًا لَّهُ الدِّيۡنَ ۙ۝۱۱

(١١) (اي پيغمبر!) تون چؤ ته يقيناً مون کي حڪم ڏنو ويو آهي، ته مان وڏي شوق ۽ اخلاص سان الله جي ٻانهپ ڪيان (۽ سندس حڪمن تي هلان.)

وَاُمِرۡتُ لِاَنۡ اَكُوۡنَ اَوَّلَ الۡمُسۡلِمِيۡنَ ۝۱۲

(١٢) ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته مان اول نمبر فرمانبردار ٿيان.

قُلۡ اِنِّيۡۤ اَخَافُ اِنۡ عَصَيۡتُ رَبِّيۡ عَذَابَ يَوۡمٍ عَظِيۡمٍ ۝۱۳

(١٣) (۽ پڻ) چؤ ته جيڪڏهن مان پنهنجي پروردگار جي نافرماني ڪيان ته مون کي وڏي ڏينهن جي عذاب جو خوف آهي.

قُلِ اللّٰهَ اَعۡبُدُ مُخۡلِصًا لَّهٗ دِيۡنِيۡ ۙ۝۱۴

(١٤) چؤ ته، مان شوق ۽ اخلاص سان الله جي ٻانهپ ٿو ڪيان (۽ سندس سيني حڪمن جي تعميل ٿو ڪيان.)

فَاعۡبُدُوۡا مَا شِئۡتُمۡ مِّنۡ دُوۡنِهٖ ؕ قُلۡ اِنَّ الۡخٰسِرِيۡنَ الَّذِيۡنَ خَسِرُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ وَاَهۡلِيۡهِمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ اَلَا ذٰلِكَ هُوَ الۡخُسۡرَانُ الۡمُبِيۡنُ ۝۱۵

(١٥) پوءِ (اي منڪرؤ) الله کي ڇڏي جنهن جي وڻيو تنهن جي ٻانهپ ڪيو (نقصان توهان جو ئي ٿيندو) يقيناً وڏي نقصان هيٺ اهي اهي ايندا جيڪي قيامت جي ڏينهن پاڻ کي ۽ پنهنجي اهل و عيال کي خساري ۾ وجهندا. ٻڌي ڇڏيو ته، اهوئي ظاهر ظهور وڏي ۾ وڏو خسارو آهي.

لَهُمۡ مِّنۡ فَوۡقِهِمۡ ظُلَلٌ مِّنَ النَّارِ وَمِنۡ تَحۡتِهِمۡ ظُلَلٌ ؕ ذٰلِكَ يُخَوِّفُ اللّٰهُ بِهٖ عِبَادَهٗ ؕ يٰعِبَادِ فَاتَّقُوۡنِ ۝۱۶

(١٦) انهن جي لاءِ سندن مٿان به باهه جا تهه هوندا ۽ هيٺان به اهڙا تهه هوندا. الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن کي انهيءَ (عذاب) کان خوف ڏياري خبردار ڪري ٿو (ته مٿان گناهه ڪيو ۽ باهه ۾ سڙو) پوءِ اي منهنجا بندؤ منهنجي (نافرمانيءَ جي عيوض ۾ جيڪو مان عذاب ٿو ڏيان تنهن) کان ڏجو (۽ منهنجي فرمانبرداري ڪيو).

وَالَّذِيْنَ اجْتَنَبُوا الطَّاغُوْتَ اَنْ يَّعْبُدُوْهَا وَاَنَابُوْٓا اِلَى اللّٰهِ لَهُمُ الْبُشْرٰى ۚ فَبَشِّرْ عِبَادِ ۙ﴿۱۷﴾

(١٧) ۽ (ياد رکو ته) جيڪي ماڻهو برائين کان (يعني شيطان کان) پري رهن ٿا ۽ سندس چوڻ تي نٿا لڳن ۽ الله ڏي رجوع ڪن ٿا (۽ الله جي حڪمن جي تعميل ڪن ٿا) تن جي لاءِ (نعمتن ۽ انعامن جي) خوشخبري آهي. سو منهنجي (فرمانبردار) ٻانهن کي (اهڙي) خوشخبري ٻڌائي ڇڏ.

الَّذِيْنَ يَسْتَمِعُوْنَ الْقَوْلَ فَيَتَّبِعُوْنَ اَحْسَنَهٗ ۭ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ هَدٰىهُمُ اللّٰهُ وَاُولٰۗىِٕكَ هُمْ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿۱۸﴾

(١٨) جيڪي ماڻهو (الله جو) ڪلام ٻڌن ٿا ۽ ان جي سهڻين ڳالهين ۽ حڪمن جي تعميل ڪن ٿا سي ئي آهن جن کي الله تعاليٰ سڌيءَ واٽ تي لڳايو آهي ۽ اهي ئي آهن جي هوش ۽ سمجه وارا آهن.

اَفَمَنْ حَقَّ عَلَيْهِ كَلِمَةُ الْعَذَابِ ۭ اَفَاَنْتَ تُنْقِذُ مَنْ فِي النَّارِ ﴿۱۹﴾

(١٩) پوءِ جنهن تي عذاب جو حڪم حق ۽ انصاف موجب صادر ٿئي (سو انهيءَ جي برابر تي سگهي ٿو ڇا جو گناهن کان پري رهيو. هرگز نه!) پوءِ (اي پيغمبر!) تون انهيءَ کي ڇڏائيندين ڇا جو باهه ۾ پئجي چڪو آهي؟

لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ لَهُمْ غُرَفٌ مِّنْ فَوْقِهَا غُرَفٌ مَّبْنِيَّةٌ ۙ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ڛ وَعْدَ اللّٰهِ ۭ لَا يُخْلِفُ اللّٰهُ الْمِيْعَادَ ﴿۲۰﴾

(٢٠) پر جيڪي ماڻهو پنهنجي پروردگار جي نافرمانيءَ کان بچن ٿا تن جي لاءِ ماڙين مٿان ماڙيون بنايل آهن، جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. اهو الله جو واعدو آهي. الله تعاليٰ ڪڏهن به پنهنجي واعدي جي خلاف نٿو وڃي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَاۗءِ مَاۗءً فَسَلَكَهٗ يَنَابِيْعَ فِي الْاَرْضِ ثُمَّ يُخْرِجُ بِهٖ زَرْعًا مُّخْتَلِفًا اَلْوَانُهٗ ثُمَّ يَهِيْجُ فَتَرٰىهُ مُصْفَرًّا ثُمَّ يَجْعَلُهٗ حُطَامًا ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى لِاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿۲۱﴾

(٢١) (اي پيغمبر!) تون نٿو ڏسين (بيشڪ ڏسين ٿو) ته الله تعاليٰ آسمان مان پاڻي (يعني مينهن) نازل ڪري ٿو ۽ پوءِ ان کي زمين تي چشمن ۾ وهائي ٿو. پوءِ ان جي وسيلي مختلف رنگن جون پوکون ۽ اوپڙ پيدا ڪري ٿو. پوءِ وري اُهي ڪومائجڻ لڳن ٿا ۽ توهان کي هيدا پيلا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پوءِ آخر الله تعاليٰ انهن کي سڪائي ڪک ڪري ٿو ڇڏي. بيشڪ انهيءَ ۾ هوش وارن ماڻهن لاءِ وڏي نصيحت آهي.

## رڪوع 3

### ايمان ۽ نيڪ عملي لاءِ ترغيبون ۽ مثال

اَفَمَنْ شَرَحَ اللّٰهُ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ فَهُوَ عَلٰي نُوْرٍ مِّنْ رَّبِّهٖ ۭ فَوَيْلٌ لِّلْقٰسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ مِّنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۲۲﴾

(٢٢) اُهو ماڻهو جنهن جي دل الله تعاليٰ اسلام لاءِ (يعني الله تعاليٰ جي پوري پوري فرمانبرداري ڪرڻ لاءِ) کولي ڪشادي ڪري ڇڏي آهي ۽ جو انهيءَ ڪري پنهنجي پروردگار جي (ڏنل) روشنيءَ ۾ (نيڪ عمليءَ جي راهه تي) هلندو رهي ٿو (سو انهيءَ وانگر آهي ڇا جنهن جي دل سخت آهي ۽ ٻوٽيل بند ڪيل آهي؟) پوءِ جن ماڻهن جون دليون الله تعاليٰ جي ذڪر کان (يعني الله تعاليٰ جي ڏنل حڪمن کان غفلت ڪرڻ سبان) سخت ٿي ويون آهن تن جي لاءِ ويل آهي (هو ضرور مصيبتن ۾ مبتلا ٿيندا) اهي ئي آهن جيڪي کلي کلي گمراهيءَ ۾ آهن.

اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحْسَنَ الْحَدِيْثِ كِتٰبًا مُّتَشَابِهًا

(٢٣) الله تعاليٰ ڪتاب طور (يعني قرآن مجيد ۾) بهترين ڪلام نازل

مَّثَانِيَ ۖ تَقْشَعِرُّ مِنْهُ جُلُودُ الَّذِينَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ ۚ ثُمَّ تَلِينُ جُلُودُهُمْ وَقُلُوبُهُمْ إِلَىٰ ذِكْرِ اللَّهِ ۚ ذَٰلِكَ هُدَى اللَّهِ يَهْدِي بِهِ مَن يَشَاءُ ۚ وَمَن يُضْلِلِ اللَّهُ فَمَا لَهُ مِنْ هَادٍ ﴿٢٣﴾

فرمايو آهي. جنهن جون ڳالهيون هڪ ٻئي سان ٺهڪي ٿڪي اچن ٿيون ۽ بار بار (ٻين ٻين الفاظن ۾ مثالن سان) سمجهايون ويون آهن. ان (قرآن جي ٻڌڻ) وقت انهن ماڻهن جي لنءَ ئي ڪاندارجي وڃي ٿي جيڪي پنهنجي پروردگار (جي ناراضپي کان ڊڄندڙ آهن. پوءِ انهن جون چمڙيون ۽ دليون الله تعاليٰ جي نصيحت ۽ پيغام (قبول ڪرڻ لاءِ) نرم ۽ مائل ٿي وڃن ٿيون. اها آهي الله جي هدايت جنهن سان جنهن کي وڻيس تنهن کي سڌيءَ واٽ تي لڳائي ٿو ڇڏي. ۽ جنهن کي الله تعاليٰ (سندس ئي ضد ۽ انڪار سبب) گمراهه ڪري ٿو ڇڏي تنهن جي لاءِ ڪو به واٽ ڏيکاريندڙ ڪونهي.

أَفَمَن يَتَّقِي بِوَجْهِهِ سُوءَ الْعَذَابِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ ۚ وَقِيلَ لِلظَّالِمِينَ ذُوقُوا مَا كُنتُمْ تَكْسِبُونَ ﴿٢٤﴾

(٢٤) پوءِ اهو ماڻهو جيڪو قيامت جي ڏينهن پنهنجي منهن تي سخت عذاب جهليندو (سو جنتي ماڻهن جهڙو آهي ڇا؟) ۽ ظالمن کي چيو ويندو ته بدعمل ڪرڻ سان توهان جيڪي ڪمايو تنهن جو نتيجو هاڻي چکو.

كَذَّبَ الَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ فَأَتَاهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُونَ ﴿٢٥﴾

(٢٥) (ياد رکو ۽ عبرت وٺو) هنن ماڻهن کان اڳي به گهڻن ئي ماڻهن (خدا جي حڪمن کي) ڪوڙو ٺهرايو. نتيجو ڪهڙو نڪتو جو اهڙي هنڌان ۽ اهڙيءَ طرح مٿن عذاب اچي ڪڙڪيو جو ڪين پتو ئي ڪونه پيو.

فَأَذَاقَهُمُ اللَّهُ الْخِزْيَ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا ۖ وَلَعَذَابُ الْآخِرَةِ أَكْبَرُ ۚ لَوْ كَانُوا يَعْلَمُونَ ﴿٢٦﴾

(٢٦) پوءِ الله تعاليٰ هنن کي دنيا ۾ ئي خورا خراب ٿيڻ جو مزو چکايو. ۽ يقيناً آخرت جو عذاب ته ان کان گهڻو گهڻو وڏو ۽ سخت آهي. ڪين اها خبر هجي (ته ڪهڙو نه هنن لاءِ چڱو ٿئي).

وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِي هَٰذَا الْقُرْآنِ مِن كُلِّ مَثَلٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُونَ ﴿٢٧﴾

(٢٧) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان ماڻهن جي لاءِ هن قسم جا مثال ڏنا آهن ته من هو سمجهن ۽ نصيحت وٺن.

قُرْآنًا عَرَبِيًّا غَيْرَ ذِي عِوَجٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُونَ ﴿٢٨﴾

(٢٨) اهو قرآن عربي زبان ۾ آهي، جنهن ۾ ڪا به ڏنگائي ڪانهي، (يعني سنئون سڌو ۽ صاف بيان ڏنل آهي) انهيءَ لاءِ ته من هو پرهيزگار اختيار ڪن.

ضَرَبَ اللَّهُ مَثَلًا رَّجُلًا فِيهِ شُرَكَاءُ مُتَشَاكِسُونَ وَرَجُلًا سَلَمًا لِّرَجُلٍ هَلْ يَسْتَوِيَانِ مَثَلًا ۚ الْحَمْدُ لِلَّهِ ۚ بَلْ أَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) الله تعاليٰ هڪڙو مثال ٿو بيان ڪري. هڪڙو ماڻهو (غلام) آهي جنهن ۾ گهڻا ئي ڀائيوار آهن جيڪي پاڻ ۾ جهيڳڙا ڪندڙ آهن ۽ ٻيو هڪڙو غلام آهي جو فقط هڪڙي ماڻهوءَ جو تابعدار آهي. ٻنهي جي حالت برابر آهي ڇا؟ (هرگز نه) سڀ ساراهه الله جي لاءِ آهي پر افسوس جو انهن مان گهڻا ماڻهو (ايترو به) نٿا ڄاڻن.

إِنَّكَ مَيِّتٌ وَإِنَّهُم مَّيِّتُونَ ﴿٣٠﴾

(٣٠) (اي پيغمبر!) يقيناً تون هن دنيا مان نيٺ لاڏاڻو ڪندين ۽ يقيناً هي ماڻهو به موت جو مزو چکندا (وڏي زندگي اڳتي آهي جنهن ۾ تون نعمتون ماڻيندين ۽ نافرمان ماڻهو عذاب لوڙيندا).

ثُمَّ إِنَّكُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ عِندَ رَبِّكُمْ تَخْتَصِمُونَ ﴿٣١﴾

(٣١) پوءِ اوهان سڀ (منڪر ماڻهو) قيامت جي ڏينهن پنهنجي پرودگار وٽ پنهنجا جهيڳڙا پيش ڪندؤ.